

مير الهه بچايو خان ٽالپر
(ايم - ايس - سي - ٽيڪساس)

٧٨٦

تمهيد

تاريخ نويسي ۽ وقائع نگاري مسلمانن جو ڏاج آهي. جيڪڏهن اسلامي اتهاس تي نظر ڪبي، ۽ ٻين قومن سان ان جو مقابلو ڪبو، ته واضح ٿيندو ته ڪنهن به مذهب يا ملت ايترا تاريخ نويس پيدا نه ڪيا آهن، جيترا مسلم قوم. ليڪن سنڌ جي حالت ۾ قصو برعڪس آهي. يا ته اسان جي سلف صالح اسلاف ڪو تاريخي ذخيرو نه ڇڏيو، يا جيڪڏهن ڇڏيو ته اهو اسان جي بي اعتنائيءَ ۽ غفلت وچان ناس ٿي ويو. بهرحال انهيءَ حقيقت تي جيترو ارمان ڪجي اوترو ٿورو آهي.

نهايت خوشيءَ جي ڳالهه آهي جو اسان جي نوجوانن ۾ پنهنجي گذشته تاريخ کي زنده ڪرڻ ۽ انکي تحقيق ۽ تدقيق سان لکڻ جو جذبو پيدا ٿيو آهي. مسٽر قادر بخش نظاماڻي جنهن نواڻ ۽ نوع ۽ طرز عبارت ۾ هي ڪتابڙو لکيو آهي سو تحسين جي لائق آهي. ميرن صاحبن جي حڪومت جي روايت جا ڪارڻ ۽ خصوصيتون جون نمر لکيون چڱيءَ طرح ابراز ڪيون ويون آهن. اصلي ماخذن جو ڳوڙهو اڀياس ڪري تاريخي حقائق کي مختصر ۽ مايه دار لفظن ۾ ادا ڪيو ويو آهي. گاهگاهي

حروف جون غلطيون سڌاري ڇڏيون آهن، ۽ ٻيا
تاريخي حوالن جا صفحا به ڏنا ويا آهن. اميد ته ڪجهه
ته ڪتاب جي ٻيءَ طباعت ۾ اهي خاميون دور ڪيون
وينديون، ۽ پڻ عجلت ڪي ڇڏي ٻي جي لڙائي جي
ايندڙ انجام ڪيل ڪتاب ۾ انهن ڳالهين تي پورو توجه
ڏنو ويندو.

هي ڪتابچو مسٽر قادر بخش نظامانيءَ جي تاريخي
ذوق ۽ علمي همت جو پيش خيمو آهي - اڃا ته هي
صبح جا آثار آهن ۽ جڏهن سنڌ ۾ انصافي شمس جو
آفتاب جلوه گر ٿيندو، تڏهن قوم سنڌ سندس اهي لوت
ڪوشش ۽ دماغي ڪاوش جو بيحد قدر ڪندي -
والله الموفق الي الصواب.

اضعف الانام

عمر بن محمد داؤد پوٽو عفي عنه

فهرست

مضمون	صفحو
پيش لفظ	
(١) اوائلي دور	١
(٢) سنڌ فتح ڪرڻ جو فيصلو	١٠
(٣) افغانستان ۾ انگريزن جي ڪاهه	١٦
(٤) مياڻيءَ ڪان اڳ	٣٢
(٥) نصير خان جو خط	٥٩
(٦) ١٧ فيبروري	٦٦
(٧) دشمن جا خدشا	٨٣

تصويرون	صفحي جي ساهمون
(١) بلوچ سپاهي	٨
(٢) شڪست ۽ غلامي جا سامان	٩
(٣) جنگ جو نظارو	٧٦
(٤) قلعي جو دروازو	٧٧

پيش لفظ

هن تصنيف جو مکيه مقصد آهي ته تاريخي غلط بيانين جو پردو چاڪ ڪري بلوچ قوم کي انهن حقيقي سببن کان واقف ڪرڻ جيڪي سنڌ جي سياسي زوال جو ڪارڻ بڻيا.

سنڌ کي انگريزن جي غلامي هيٺ آئي تقريباً سو ورهيه ٿيا. انگريزن ۽ سنڌ ۾ خوشامدڙين ان عرصي اندر پنهنجي پروپيگنڊا جي ذريعي دنيا تي اهو اثر ويهاريو آهي ته سنڌ تي انگريزن کي انهيءَ ڪري لاچار ٿي قبضو ڪرڻو پيو جو، سنڌ جا حڪمران مير، انگريزن جي ڪن ”جائز طلبن“ قبولڻ لاءِ تيار نه ٿيا. هنن کي عهد ناما ڀڃيا ۽ جڏهن انگريزن کين مجبور، ان سبب سنڌ ۾ فوج آڻڻي پيئي تڏهن هنن وٺي جنگ لاءِ تياريون ڪيون. پر بلوچن جي ”بي انداز لشڪر“ جنگ ۾ فرنگين ”ٻڪرن وانگر ڀڄي ويو“ ۽ انگريزن جنگ فتح ڪري ورتي.

پر حقيقتون خود انگريزن جي پنهنجي تصنيفن مان ٻيو قصو ظاهر ٿيون ڪن. اهي ڏيکارين ٿيون ته انگريزن گهڻي عرصي جي گهري سوچ ويچار بعد سنڌ فتح ڪري انکي پنهنجي سلطنت ۾ شامل ڪرڻ جو فيصلو ڪيو هو. جنهن ڪري ئي هنن جنگ کان ڪي سال اڳ ئي آهسته آهسته

خلاف ٻاهران ذريعي سنڌ جي ڇپ ڇپ جي
پئي ڪئي ۽ ميرن جي وزيرن ۽ دربار
جي مکيه ملازمن کي رشوتون وغيره ڏئي پاڻ سان پئي
ملايو. جن جي ذريعه هو هميشه ميرن کي اهو سبق
ڏيندا رهيا ته انگريز نهايت ”طاقتور آهن“ تنهنڪري
انهن جي مقابلي جو خيال به نه ڪرڻ کپي.

ان کان سواءِ ملڪ ۾ جاسوسيءَ جو نهايت وسيع ڄار وڇايو ويو هو. حڪمران خاندان جي ڪن فردن کي ٻين کان جدا ڪري کين پنهنجي قائم جا آسرا ڏئي منجهن نااتفاقيءَ جو ٻج پئي ڇٽيو ويو ۽ رفته رفته جنگ لاءِ باقاعده فضا پيدا ڪري نيٺ جنگ جو تماشو ڪيو ويو.

سرليپٽر جي لفظن ۾ حڪمران مير اهڙا ته مظلوم مسڪين ۽ فرمانبردار هئا جو جيسين هو ڪنهن نه ڪنهن طرح جنگ لاءِ آماده نه ٿين تيسين کين سزاياب ڪرڻ تي جنرل جو ضمير کيس ٿي ملامت ڪري رهيو هو. ”رائز يا نسي وار واقعو“ انگريزن جي نقطه نگاهه مطابق اهڙي جنگي آمادگيءَ جو پورو پورو دليل ثابت ٿيو.

الغرض ميرن جي انگريزن ڏانهن ”سخت روش“ ۽ ميرن طرفان ”معاهدن جي خلاف ورزي“ ۽ ”جنگي تياري“ نه پر سندن نرمي، هر معاهده تي سختيءَ سان پابندي ۽ ميرن جي آخري وقت تائين مقابلي جي تياري نه ڪرڻ ئي، سنڌ ۾ بلوچي اقتدار جو خاتمو آندو.

انگريزي پروپيگنڊا جو ٻيو وڏو ڪوڙ اهو آهي ته "بلوچن جو بي انداز لشڪر" هو پر ان کي انگريزن ,,ٻڪرين وانگر ٽڙي پکڙي ڪيو". تاريخ انجي برعڪس ثابت ٿي ڪري ۽ حقيقتون ٻيو قصو پيش ٿيون ڪن. اهي ظاهر ٿيون ڪن ته اهو بلڪل غلط آهي ته مياڻيءَ جي ميدان تي "بي انداز بلوچي لشڪر" جمع ٿيو هو ۽ اهو به غلط آهي ته بلوچ ,,ٻڪرين وانگر ٽڙي پکڙي ويا". حقيقتون ۽ آثار ڏيکارين ٿا ته انگريزي لشڪر ٢٨ سو نه پر گهٽ ۾ گهٽ ٥-٦ هزار هو ۽ بلوچن جو انبوهه وڌ ۾ وڌ فقط ٤-٥ هزار هو. تاريخ شاهد آهي ته انگريزن جي نهايت اعليٰ تربيت يافته فوج، غير معمولي ۽ وڌيڪ ڏوقيمت رکندڙ هٿيارن جي مقابلي ۾ اهي مختصر، غير تربيت يافته ۽ نيم مسلح بلوچ مياڻيءَ جي ميدان ۾ ,,اهڙيءَ طرح وڙهيا جنهن ڪو زندگي کان گهڻو وڌ هڪ عزيز شيءِ لاءِ وڙهندو آهي" ۽ جنهنجي وڃائجي وڃڻ لي زندگي کي ڪابه شيءِ نه سمجهندو آهي.

ممڪن آهي ته ڪتاب کي ڪي قدر مبهم ۽ غير واضح بيانن ۽ ڪن ڳالهين تان ٻڌي نه ڪٽڻ سان ڪن خاص حلقن جي خوشنودي ۽ نظر عنايت حاصل ڪري سگهجي ها، جيئن اڄڪلهه جا گهڻائي مصنف حقيقتن کي مروڙي سروڙي تاريخي ڪتابن کي ڪن شخصن يا قبيلن جي بڙائي وري لاءِ استعمال ڪري پئسن ڪمائڻ جي ڪوشش ڪندا رهندا آهن ليڪن ائين ڪرڻ ۾ هڪ طرف

خود داري مالع هئي نه ٻئي طرف اهڙي دروغ ٻالي، ڪتاب جي اصلي مقصد کي ختم ڪري ڇڏي ها. الهيءَ ڪري ان طريقي سان حاصل ٿيندڙ سرمايه لسان، همت ڪٽڻ جو فيصلو ڪيو ويو ۽ اقتصادي نفعي ۽ نقصان، جي خيال کي بالڪل نظر انداز ڪندي حتي الوسع انهن سڀني حقيقتن کي گڏ ڪري انڪل انباڪڻ سان عوام جي اڳيان پيش ڪيو ويو آهي جنهن جو معلوم ڪرڻ قوم جي آئينده نسلن لاءِ ضروري آهي.

هن تصنيف وسيلي جيڪڏهن انگريزي درسگاهن ۾ پڙهندڙن جي ذهن ۾ ويهاريل ڪي غلط فهميون دور ٿي وڃن ۽ بلوچ قوم جي بزرگن ۽ نوجوانن هن مان ڪي قومي سبق حاصل ڪري انهن جي فائده وٺڻ جي ڪوشش ڪئي ته مان پنهنجي تصنيفي مقصد جي اڪمل ۽ پنهنجي پورهئي کي ثاب پيل سمجهندس.

آخر ۾ محترم سيد حسام الدين شاه صاحب راشدي جي شڪر ادائي ڪرڻ بيجا نه ٿيندي جنهن هن ڪتاب جو مسودو نظر مان ڪڍي ۽ بعد ۾ پنهنجي نهايت ئي ڪارآمد مشورن سان مستفيد فرمايو.

قادر بخش نظاماڻي بلوچ

١- مارچ ١٩٤٧ع
ڪراچي.

اوائلي دؤر

انگريز واپاري سرمائيدارن هندستان ۾ امن مارڪيٽن هٿ ڪرڻ جي ڪوشش ڪندي ڪهڙي طرح پاڻ کي هندستان جو مالڪ بڻائي ورتو، انکي اڻويهين صديءَ جي هڪ وڏي انقلابي فلاسفر ۽ سرمائيداريءَ جي زبردست دشمن ڪارل مارڪس ۱۸۵۳ع ۾ پنهنجي هڪ لکيل مضمون ۾، جو ان وقت "نيو يارڪ هيرالڊ ٽربيون" ۾ شايع ٿيو هو، هن مختصر ۽ جامع لفظن ۾ بيان ڪيو آهي.

"هندستان ۾ انگريزي اقتدار ڪيئن قائم ٿيو؟ مغل بادشاهن جي ڪلي ۽ مطلق العنان طاقت کي سندن ئي مقرر ڪيل وائسرائن يا حاڪمن ٽڪ ڀڃيو ۽ انهن مغليه وائسرائن ۽ حاڪمن جو زور مرهٽن ختم ڪيو. مرهٽن جو زور وري افغانن ڀڃو. ان ويتر اهڙي وقت ۾ جڏهن هندستان جا حاڪم ۽ اثر واريون قومون پاڻ ۾ لڳل هيون تڏهن انگريز آيا ۽ سڀني کي دٻائي پاڻ مالڪ بڻجي ويٺا. هندستان انهيءَ وقت اهڙو ملڪ هو جو نه رڳو هندن ۽ مسلمانن ۾ ورهايل هو پر قبيلي جو قبيلي سان ۽ هڪ ذات جو ٻي ذات وارن سان جهڳڙو لڳو پيو هو."

اڳتي هلي مارڪس لکي ٿو:

"جڏهن اسان کي هندستان جي ابتدائي
تاريخ جي ڪٿي گهٽي خبر نه به هجي ان هوندي
به هڪ ڪامل حقيقت کان نه ڪير به انڪاري ٿي
نه سگهندو ته اڄ به، انگريز، هندستان جي خرچ
تي قائم ڪيل، هندستاني فوج جي ئي زور سان،
هندستان کي غلام رکيو ويٺو آهي."

ڪارخانه داريءَ جي زور وٺڻ ۽ ٻاڦ تي هلندڙ مشين
جي ايجاد ٿيڻ کان پوءِ يورپ ۾ سرمايه داري جڏهن انهن
زور سان هندستان ۾ داخل ٿي تڏهن هندستان نه فقط
سياسي خواه مجلسي لحاظ کان انگريزن جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ
ڪمزور هو، پر انگريزن جو جنگي فن ۽ فوجي نظم و نسق پڻ
هندستان جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ ترقي يافته هو. انهن خاص
ڪمزورين کان سواءِ هندستان ان وقت مختلف ڪمزور
۽ ننڍين ننڍين طاقتن ۾ تقسيم ٿيو پيو هو. انگريزن اچڻ
سان انهيءَ اندروني نفاق کي ٻاٽ وڌيڪ تيز ڪيو. هنن
هميشه هڪ وقت هڪڙي دشمن کي ختم ڪرڻ واري
پاليسيءَ جي مد نظر، جڏهن هڪ ڌر سان جنگ ٿي
ڪئي تڏهن اول پنهنجي آس پاس وارين طاقتن سان
"دائمي دوستيءَ" جا معاهدا پڪي ڪيا ۽ ڪجهه وقت
بعد وري انهن جو وارو ٿي آيو جن سان چند سال اڳ ۾
"دائمي دوستي" جو معاهدو ڪيو ويو هو. ان ڪري
سندن ڪمزور هندستاني مخالف سندن خلاف ڪڏهن
به اثرائتو متحده محاذ قائم ڪري نه سگهيا.

ان کان سواءِ ساري ملڪ ۾ ا
۽ رشوت بازيءَ جو وسيع جار
سنڌين لاءِ وڪرام ۾ وڃڻ ڪ آسان
جيڪي حڪومتي ۽ ۽ باقي
هندستان جي غلاميءَ جو سيگهي
سنڌ ۾ انگريزن جي آمد ا يون ۽ سنڌ ۾
انگريزن جي اقتدار حاصل ڪار آمد ثابت ٿيون.

بلوچي اقتدار

۱۷۸۲ع ڌاري ڪلهوڙن جي بيڪار ۽ ظالمانه نظام حڪومت کان بيزار ٿي بلوچن قومي اتحاد قائم ڪري ڪلهوڙن کي ختم ڪرڻ جو فيصلو ڪيو. بلوچ ان وقت جي ڪلهوڙا راڄ جي اهم فوجي طاقت ۽ مکيه پشت پناهه هئا. مير فتح علي خان ٽالپر جي رهنمائي هيٺ ڇهن هزارن بلوچن، ڪلهوڙن جي ٽيهه هزار فوج کي هالاڻيءَ جي ميدان ۾ شڪست ڏئي ڪلهوڙن جي اقتدار جو خاتمو ڪيو ۽ مير فتح علي خان کي "رئيس" چونڊيو ويو.

ڪلهوڙن جو آخري حاڪم عبدالنبي حڪومت ڪابل (افغانستان) جو باجگذار يعني ٻڌل پرڳڻو هو. انهيءَ ڪري جنگ هالاڻيءَ ۾ فتح حاصل ڪرڻ بعد سنڌ جي حڪومت ۾ ٿيل تبديلي لاءِ بلوچن طرفان ڪابل جي رضامندي حاصل ڪرڻ واسطي تيمور خان (نظاماڻي سردار) کي افغانستان جي بادشاهه وٽ موڪليو ويو. ويجهي ڪالهه سنڌ ۾ قائم ٿيل بلوچي اقتدار تسليم ڪرائي آيو. جا

ضرورت (سردار) ٿي صرف ان لطاماڻي جي ڪوشش ۽ شخصي اثر ڪري پوري ٿي ۽ مير سنڌ جا مستقل طرح مالڪ ٿي ويا. مڪمل اقتدار حاصل ڪرڻ بعد مير ن سنڌ کي ٽن حصن ۾ تقسيم ڪيو. لاڙ ۽ وچولي جا ٻه حصا فتح علي خان پنهنجي ٻن ڀائرن سميت ڪنيا، اتر سنڌ جا ۾ حصا مير سهراب خان کي ڏنا ويا ۽ ميرپور خاص وارو هڪڙو حصو مير ٺاري خان مانڪاڻي جي سپرد ٿيو.

سنڌ ۾ بلوچي اقتدار قائم ٿيڻ بعد بلوچ قوم اندر اهڙي رهنما جي کمي هئي جو ڪلهوڙن خلاف قائم ٿيل قومي اتحاد کي ذاتي جاه ۽ دٻدٻي وڌائڻ واسطي استعمال ڪرڻ بدران قوم کي وڌيڪ طاقتور ۽ متحد بڻائڻ لاءِ استعمال ڪري.

مير رهنمائن انهي قومي اقتدار ۽ حاصل ڪيل قومي اتحاد کي وڌيڪ منظم ۽ مضبوط بڻائڻ جي ڪا خاص ڪوشش ڪانه ڪئي ۽ بلڪ انهي حاصل ڪيل متحده حڪومت کي هڪ رواجي ملڪيت طور ورهائي ڇڏڻ سان هنن انهي اتحاد ۽ گڏيل قوت کي به ڪمزور ڪري ڇڏيو جا ڪلهوڙن کان حڪومت حاصل ڪرڻ وقت قائم ڪئي وئي هئي.

١٨٠١ ڌاري مير فتح علي خان وفات ڪئي ۽ سندس ڀاءُ مير غلام علي خان "رئيس" چونڊيو ويو.

ٻهريون تعلق

آگسٽ ١٨٠٩ ۾ انگريزن جو سنڌ جي بلوچن سان ٻهريون تعلق

قائم ٿيو جڏهن انگريزي وفد اچي ميرن سان هڪ معاهدو ڪيو جنهن ۾ هڪ ٻئي سان ,, دائمي دوستي “ ۽ ٺاهڻ جي لاڳاپن جا فقرا هئا ۽ ميرن طرفان وعدو ڪيو ويو هو ته هو فرينچن کي سنڌ ۾ نه ڇڏيندا. فرانس موجي خواه تجارتي لحاظ کان انگريزن جو ان وقت مکيه مد مقابل هو.

١٨١١ ۾ مير غلام علي خان وفات ڪئي ۽ ٻيون ڀاءُ ڪرمعلي خان ,, رئيس “ چونڊيو ويو. ١٨٢٠ع ۾ انگريزن جو سنڌ سان ٻيو معاهدو ٿيو جنهن موجب آمريڪي باشندن جي سنڌ ۾ اچڻ يا اڏن قائم ڪرڻ تي بندش پئي.

١٨٢٧ع ۾ مير مراد علي خان (ڇوٿون ڀاءُ) ناچاق ٿي پيو ۽ سنڌس وزير نواب ولي محمد خان لغاري جي صلاح تي انگريزن کان ڊاڪٽري مدد ورتي وئي. ڪڇ مان ڊاڪٽر برنس مير صاحب جي علاج لاءِ سنڌ ۾ آيو. ڊاڪٽر صاحب کي هدايتون هيون ته مير صاحب جي علاج ڪرڻ سان گڏ هڪ طرف ميرن ۽ سنڌ جي خاص اثرائتن ماڻهن سان تعلقات قائم ڪري ته ٻئي طرف پنهنجي روءِ سوءِ سنڌ جي عام حالتن جي به چڪاس ڪري.

انگريزن جا ارادا

ڊاڪٽر برنس ڪڇ واپس موٽڻ تي برطانيه سرڪار کي لکيو ته:- ,, سنڌ بي حساب دولت سان ڀرپور ۽ هڪ نهايت زرخيز علائقو آهي جنهن تي جاهلن جو راڄ

آهي. انهيءَ ملڪ جي وڌيڪ جاچ پڙتال ڪرڻ ۽ ان ۾
پنهنجا پير کوڙڻ نهايت ڪارآمد ثابت ٿيو.“

۱۸۳۰ع ۾ مير ڪرم علي خان وفات ڪئي ۽ مير مراد علي
خان ”رئيس“ چونڊيو ويو. سنڌ جي جاچ پڙتال ۽ سروي
جي مقصد جي مدنظر انگريزن پنهنجي فوجي ۽ سياسي ماهرن
جي هڪ سفارت رنجيت سنگهه کي سوغاتون پهچائڻ جي
بهاني ٿي سمنڊ کان سنڌو نديءَ رستي پنجاب موڪلڻ
جو فيصلو ڪيو. وقت جي حڪومت هن وفد جي
راهه ۾ جيتوڻيڪ ڪي به رڪاوٽون نه وڌيون ان
هوندي به سنڌ جي عام باشندن ۽ بلوچن هر ممڪن طريقي
سان پنهنجي روءِ سوءِ انگريزي سفارت کي تڪليفون ڏيڻ
جي ڪوشش ڪئي. پر هنن جون سموريون سرگرميون
بيڪار ثابت ٿيون ۽ انگريز ماهرن جي سفارت ساري
سنڌ جي پڙتال ڪندي، هر هنڌ اتان جي مقامي
باشندن کان خبرون چارون وٺندي، ملڪ جي اندروني
حالتن کي چڪاسيندي خير و عافيت سان وڃي لاهور پهتي.

ڊاڪٽر برنس جي حيدرآباد ۾ آمد ۽ سنڌو نديءَ جي
چڪاس ۽ سروي ڪانپوءِ اپريل ۱۸۳۲ع ۾ مير مراد علي خان
سان ڪرنل پاٽنجر انگريزن طرفان نئون معاهدو ڪيو.
جنهن موجب سنڌ ۾ انگريزن کي فوج يا ڪنهن به قسم
جي فوجي اسباب آڻڻ لئي بندش هئي. پر واپار سانگي
سنڌ ۾ اچڻ جي ڪين عام اجازت ملي.

ساڳئي وقت خيرپور وارن ميرن سان انگريزن ڌار

معاهدو ڪيو جنهن موجب انگريزن کي واپار واسطي شڪارپور جي، حدن ۾ رستن ۽ سنڌو نديءَ جي استعمال جي عام اجازت حاصل ٿي. هن معاهدي ۾ ٻنهي طرفن هڪ ٻئي سان "دائمي دوستي" رکڻ ۽ هڪ ٻئي جي "ملڪ ۾ بدنگاهه" نه ڪرڻ جو به وعدو ڪيل هو.

ٻي چوياري

١٨٣٣ع ۾ مير مراد علي خان وفات ڪئي ۽ سندس پٽ نور محمد خان ۽ نصير خان، مير فتح علي خان جي پٽ صوبدار خان ۽ مير غلام علي خان جي پٽ مير محمد خان سان گڏجي ملڪ جو انتظام سنڀالڻ لڳا. مير ڪرم علي خان بنا اولاد وفات ڪئي هئي اهي چار مير "ٻي چوياري" مشهور آهن. اهي چار ئي مير پنهنجي پنهنجي ورهايل حصي ۾ خود مالڪ مختيار هئا. پر نور محمد خان کي گڏيل مفاد ۽ معاملن جي نگهداشت لاءِ سڀني جي نمائندگي جو حق مليو ۽ کيس "رئيس" چوائبو ويو.

١٨٣٧ع ۾ سنڌ جي اترين سرحد تي آباد مزاري بلوچن جي سکن سان ڪجهه جهڙپ ٿي ۽ رڻجيت سنگهه ان بهاني سنڌ تي ڪاهڻ جو فيصلو ڪري چڙهائي ڪئي.

انگريزن اڳ ئي سنڌ ۾ پنهنجن پيرن کوڙڻ جو فيصلو ڪري ڇڏيو هو. هنن ميرن کي لکيو ته جيڪڏهن کين حيدرآباد ۾ مستقل طرح ريزيڊنٽ رکڻ جي اجازت ڏني وڃي ته هو وچ ۾ پئي رڻجيت سنگهه سان

سندن فيصلو ڪرائيندا. ميرن رڻجيت سنگهه جي مقابلي جي ڪاهه وڏي ڀماڻي لئي تياري ڪرڻ بدران انگريزن کي وڌيڪ رعايتون ڏنيون، رڻجيت سنگهه کان بچڻ لاءِ سندن مدد وٺڻ جو رستو پسند ڪيو ۽ ۱۸۳۸ ۾ ڪرنل پاٽنجر ميرن سان هڪ نهايت اهم معاهدو ڪيو جنهن موجب رڻجيت سنگهه ۽ ميرن جي وچ ۾ تڪرار نبيرڻ جو انگريزن کي ذمو ڏنو ويو ۽ انگريز ريزيڊنٽ کي مستقل طرح حيدرآباد ۾ رکڻ جو انگريزن کي اختيار ڏنو ويو.

هن زماني جي مير حاڪمن جو بلوچي قومي طاقت ۾ گهٽ اعتماد ڏسڻ ۾ ٿي آيو. حڪومت جا ڌڻي ڪن ٽڪرن ۾ ورهايل هئي ان ۾ غير بلوچن جو اثر ۽ اقتدار وڌيل هو. "ونن بيڪار ۽ نڪمن خوشامدڙين جو قدر هوندو هو" *

سر ڊبليو. ايف. پٽلر پنهنجي تصنيف "سر چارلس نيپئر" ۾ آخري حڪمرانن بابت لکي ٿو:-

"خوشحالي، طاقت، عيش عشرت ۽ نفس پرستيءَ ڪري پراڻيون بلوچي عادتون ۽ اطوار ميرهاڻن ترڪ ڪري ڇڏيون هيون. هو شراب پيئندا هئا، موجون ۽ مزا ڪندا هئا، شڪار جا شوقين هئا ۽ ايشيائي طرز جي عشق بازين مان لطف حاصل ڪندا هئا. پر انهن سمورين

* ڪئپٽن پوسٽنس اسسٽنٽ پوليٽيڪل ايجنٽ سنڌ ۽ بلوچستان جو "آبزرويشنس آف سنڌ".

جن سنڌ فتح ڪئي

١٨١٦ع ۾ بلوچ سپاهي

﴿ شڪست ۽ غلاميءَ جو سامان ﴾

شخصي ڪمزورين اچي وڃڻ جي باوجود مجموعي طرح سنڌ ۾ نظام حڪومت اهڙو ڪرپٽ نه هو جهڙو ان وقت هندستان جي ڪيترن ئي رياستن ۽ ننڍين حڪومتن جو هو. انهيءَ جو سبب اهو هو جو هو اڃا پنهنجي انهن آبائي پهاڙن کان گهڻو پري نه هئا جن جي ڪشش رکندڙ نڪرڻ کي فقط ٽي اڍ صديون اڳ هو ڇڏي آيا هئا. انهن ڪنيئر پهاڙن کي ڇڏي جيڪا پشيءَ هيٺاهين خشڪ ميدان ۾ پٽي آئي آهي سا هميشه پنهنجي اصليت وڃائي خراب ٿي ٿي آهي.“ پوءِ اهو چاهي ڪو ماڻهو هجي، جانور يا ڪا ٻي شيءِ.

سنڌ جا اڳ ۾ ٽي ٽن حصن (حيدرآباد، خيرپور ۽ ميرپور) ۾ تقسيم ٿيل هئي جنهن جا اڳواڻ وڏيڪ حصا ٿيڻ لڳا. ميرپور خاص ۾ ٽاري خان جي ٽن پٽن پنهنجي حڪومت کي رواجي ملڪيت وانگر ٽي حصا ڪري ورهائي ڇڏيو ته اتر ۾ خيرپور واري سهراب خان جي پٽن رستم خان ۽ مراد علي خان جو وري پاڻ ۾ تڪرار ٿي پيو. حيدرآباد ۾ به صوبدار خان جو سوٽن سان هڪ طرف تڪرار هو ته ٻئي طرف خاندان جا اڪيلا فرد پاڻ ۾ هڪ ٻئي خلاف منصوبا بازيون ڪرڻ لڳا. سنڌ ٻن ٽن ننڍن ننڍن حصن ۾ ورهائجي ويئي هئي. نفاق، ناسازي ۽ نا اهل ماڻهن جي عزت ۽ حوصله افزائي ڪري بلوچي اقتدار جون پاڙون ڪمزور ٿي ويون هيون.

سنڌ فتح ڪرڻ جو فيصلو

آدميت زار ناليد از فرنگ
زندگي هنگامه بر چيد از فرنگ (اقبال)

ان وقت هندستان ۾ انگريزي اقتدار جو ذڪر ڪندي ڪارل مارڪس پنهنجي هڪ مضمون ۾ لکيو هو ته:-

”انگريزن هندستان ۾ پنهنجي فتح ڪيل اراضين جي اوڀر ۽ ڏکڻ وارن سرحدن جي سلامتيءَ جو پورو انتظام ڪري ورتو هو. هندستان جي اولهه ۾ جيڪي قدرتي سرحدون هيون اهي اڃا انگريزن جي هٿن ۾ نه هيون. انهيءَ ڪري هنن سنڌ ۽ پنجاب ۾ مضبوطائي سان پنهنجي پير کوڙڻ جي ڪوشش ڪئي. ڇو جو هندستان کي وچ ايشيا مان ايندڙ ڪاهن کان بچائڻ ۽ ايران ۾ روسين جي واڌاري کي روڪڻ لاءِ انهن علائقن تي قبضو ڪرڻ انگريزن لاءِ ضروري هو.“

ان طرح سنڌ انهيءَ ڪري غلاميءَ جي شڪنجي ۾ آئي جو هڪ طرف اڃا باقي غلام ٿيل هندستان جي اراضين جي اولهه وارن سرحدن جي سلامتيءَ جي خيال کان انگريزن جي قبضي ۾ اچڻ ضروري هئي ته ٻئي طرف بدقسمتي سان اهو هڪ ”زرخيز“ علائقو هو جنهن ڪري به انگريزن کي ان ۾ پنهنجي اثر وڌائڻ جي ضرورت پيدا ٿي.

سر جيمس آئوٽرام جو ڪاٺ سنڌ جي غلاميءَ لاءِ ٿيل ڪار روائين ۾ سرگرم حصو ورتو، انهن مان هڪ هو. ٿنهن سر وليم نيپئر جي ڪتاب "فتح سنڌ" تي تبصره ڪندي پنهنجي تصنيف ۾ لکيو آهي ته انهي ڪتاب جي مصنف

"انگريزن اڳيان اهو ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي ته سنڌ کي، جنگ ڪري برطانوي سلطنت ۾ انهي ڪري لاچار شامل ڪرڻو پيو جو ميرن اسان جي ڪن جائز مطالبن قبول ڪرڻ کان انڪار ڪيو هو. پر حقيقت هيءَ آهي ته ١٨٣٢ کان ئي انگريزن سنڌ ۾ پنهنجي پيرن کوڙڻ جو فيصلو ڪري ڇڏيو هو"

١٣ مارچ ١٨٣٩ تي وائسراءِ لارڊ آڪلئنڊ ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ جي مڌئي ڪاميٽي کي لکيو ته:—

"سنڌ و نديءَ رستي فوجون افغانستان ڏانهن موڪلي سگهيون جنهن لاءِ ٺڪر وٽ پل ٺاهڻ جي اجازت حاصل ڪئي وئي آهي؛ مون هدايتون جاري ڪيون آهن ته ڪير پوري ميرن سان ٺاهه ڪري ڪين اسانجي اڳهي هيٺ آڻڻ؛ ڪالهين ٺڪر حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وڃي جو جو ٺڪر اسانجي لاءِ نهايت ڪارآمد ثابت ٿيندو."

جنوري ١٨٣٩ ۾ جڏهن بمبئي واري فوج افغانستان ڏي ڪاهڻ لاءِ سنڌ ۾ لٿي تڏهن ڪئپٽن ايسٽوڪ ۽ آئوٽرام تي مشتمل هڪ وفد حيدرآباد موڪليو ويو ته ميرن سان وچي نئين معاهدي لاءِ ڳالهيون هلائي. ميجر آئوٽرام ان وقت جي پنهنجي ڊائري ۾ لکيو آهي ته:

„ مون حيدرآباد، انجي پسگردائي ۽ قلعي جو فوجي نقطه نگاه کان چڱيءَ طرح مطالعو ڪيو ۽ قلعي تي حملو ڪرڻ جي ضرورت پوڻ تي حملي جو خاڪو تيار ڪيو.“

٣ فيبروري ١٨٣٩ع تي جڏهن سر جان ڪين جي اڳوانيءَ هيٺ بمبئي واري فوج ڪوٽڙيءَ وٽ اچي منزل ڪئي تڏهن توپخاني جي برگيڊ ميجر جي اڳوانيءَ هيٺ فوجي ماهرن جي هڪ سفارت کي قلعي ۽ انجي پسگردائي جي چڪاس ۽ پڙتال لاءِ موڪليو ويو (جيتوڻيڪ ميرن سان، انگريز پنهنجي خواهش مطابق نئون معاهدو ڪري چڪا هئا) انهي سفارت پڻ ميجر آئوٽرام جي اڳ ڪيل پڙتال جي تصديق ڪئي ۽ حملي لاءِ آئوٽرام جي تيار ڪيل خاڪي کي به پسند ڪيو.

آئوٽرام جي سوانح جو مصنف، ميجر جنرل گولڊ سمٿ پنهنجي تصنيف ۾ لکي ٿو ته:- آئوٽرام مئيءَ ١٨٣٩ع تي قنڌار مان بنگالي فوج جي ڪمانڊر ولوباءِ کي هڪ خط لکندي انهيءَ ڳالهه تي زور ڏنو هو ته سنڌ کي فتح ڪري انگريزي قبضي هيٺ آڻي علائقي ۾ ملائي ڇڏڻ

افغانستان خواه اولهه وارين سرحدن جي سلامتيءَ جي خيال کان نهايت ضروري آهي.

مارچ ١٨٤٠ ۾ بمبئي واري انگريزي فوج جو ڪپتان جان جيڪب جڏهن حيدرآباد پهتو تڏهن پوليٽڪل ايجنٽ جي طرفان کيس حيدرآباد کان ٿر رستي بمبئي وڃڻ جو حڪم ڏني ٿر کي سروي ڪرڻ جون هدايتون ڏنيون ويون جو ڪم جان جيڪب ان وقت پورو ڪيو.

١٧ آڪٽوبر ١٨٤٢ تي جنرل چارلس نيپئر وائسراءِ کي لکيو ته:- ڪيترن ئي ميرن معاهدن جي خلاف ورزي ڪئي آهي. ”مان هميشه انهي خيال جو پئي رهيو آهيان ته اسانکي فقط ڪو بهانو هٿ ڪري ميرن کي دٻائي پنهنجي وڌيڪ ضابطي هيٺ آڻڻ گهرجي. مان سمجهانٿو ته اسان هنن جي خلاف جيڪي مختلف شڪايتون گڏ ڪيون آهن سي (وڌيڪ مطالبن پيش ڪرڻ لاءِ) بلڪل ڪافي سبب آهن“.

سر جيمس آئوٽرام سر وليم نيپئر جي ڪتاب ”فتح سنڌ“ تي ڪيل تبصري ۾ انهن الزامن بابت لکيو آهي ته:-

ميرن ۾ عام نا اتفاقي هئي ان ڪري هو اسان لاءِ ڪنهن به طرح خطري جو باعث نه هئا. هنن جي خلاف لڳايل سازشن جا الزام بي معنيٰ آهن. جي هو چاهين ها ته افغانستان ۾ اسانجي شڪست کانپوءِ اسان سان وڙهڻ ته ٺهيو پر اسان کي اجهو يا رسد ڏيڻ کان انڪار ڪن ها ته به اسين وڏي

مصيبت ۾ پئجي ويون ها. انهيءَ ۾ ڪو شڪ ڪونهي ته ڪي معمولي ڳالهيون ٿيون آهن جنهن ڪري اسان آئينده واسطي بهتر انتظام ۽ وڌيڪ خاطريءَ جو مطالبو ڪيو آهي.

اڳتي هڪ هنڌ لکي ٿو:- "بعد ۾ ثابت ٿيو ته ڪي هٿ آيل لکڻيون صفا غلط نه ته به ڪي قدر جڙتو ضرور هيون."

سنڌ کي فتح ڪرڻ جي اڳواٽ ڪيل فيصلي مطابق ئي سنڌ وادي ۽ ٽرڪي سروي ڪيو ويو. جيڪي به انگريزي وفد ۽ سفارتون سنڌ ۾ آيون تن سڀني قلعن، حيدرآباد شهر ۽ ان جي پسگردائيءَ جون پڙتالون پڪي ڪيون. سنڌ ۾ وسيع پيماني تي جاسوسي جو ڄار وڇايو ويو ۽ ميرن جي خاص ماڻهن کي مخفي تنخواهون ۽ پينشنون مقرر ڪري ڏنيون ويون.

انگريزن کان انهن پينشن حاصل ڪندڙن ۾ ميرن جو مکيه وزير ۽ صلاحڪار سيد اسماعيل شاهه ۽ سندس ٻئي پٽ به هئا. جن جي لاءِ سفارش ڪندي ١٦ فيبروري ١٨٣٩ تي انگريز ريزيڊنٽ ڪرنل پاٽنجر لکيو هو ته:-

ڏسجي ٿو ته ميرن کي فقط سيد اسماعيل شاهه ۽ سندس خاندان ۾ ئي گهڻي ۾ گهڻو اعتماد آهي. اسماعيل شاهه کي اسان جي طاقت ۽ اثر جو احساس آهي جنهن ڪري هو پاڻ ۽ سندس خاندان انهيءَ مطلب لاءِ گهڻي ۾ گهڻي ڪوشش ڪندا رهيا

آهن جنهن مان اسان سان ناتو رهن. انهيءَ خاندان جو ميرن وٽ ٿي رهندو اچڻ اسان لاءِ مفيد آهي. بهتر آهي ته سيد اسماعيل شاهه ۽ سندس پٽن کي پينشنون ڏيون وڃن.

سنڌ هٿ ڪرڻ لاءِ انگريزن جي اڳواٽ رٿيل اڳرائي اهڙي ته کليل حقيقت هئي جو ان ڳالهه کي خود انگلنڊ ۾ به، سر چارلس نيپيئر کي گهٽيءَ ۾ ٽڪن چئي ٿي. مٿس "ڀلارو ڳولي، سنڌ فتح ڪري، سستي شهرت حاصل ڪرڻ جا الزام هنيا ويا". جنهنڪري سر چارلس نيپيئر مير صوبدار جي خاص ماڻهوءَ مختيارڪار پير بدرالدين شاهه کان پنهنجي پاڳ ۾ ٻڌي گهڻي شهادت حاصل ڪئي. (ياد رهي ته مير صوبدار پاڻ به انگريزن سان سازباز ۾ هو.) پير بدرالدين جي بيان ۾ ڪانٽس چارايو ويو هو ته ميرن برابر جنگ لاءِ تياري ڪئي هئي ۽ سڀ مير (صوبدار خان کان سواءِ) ان ۾ شامل هئا. اڳواٽ تيار ڪيل رٿا موجب ئي بلوچن ريزيڊنسيءَ تي حملو ڪيو هو.

هن قسم جون ڪيتريون ئي شاهديون سنڌ کي فتح ڪرڻ کانپوءِ غلامن ۽ مڪرمن کان حاصل ڪري برطانوي پارليامينٽ ۽ انگلنڊ جي باشندن اڳيان پيش ڪيون ويون. ڪن ميرن ۽ سنڌ جي واسطيدار ماڻهن جا خط به "پيدا" ڪيا ويا. جڏهن انگلنڊ ۾ رد ڪڏ ڏيڻ وارو ڪير به نه هو؛ ڪيترا ماڻهو جن سان انهن خطن جو واسطو ڏيکاريو ويو هو سي آخري وقت تائين شايد انهن کان بلڪل بي خبر رهيا هجن!

افغانستان تي انگريزن جي ڪاهه

دانش افرنگيان تيغے بدوش
در هلاڪ نوع انسان سخت ڪوش (اقبال)

١٨٣٦ ڪان وٺي انگريزن کي پنهنجي فتح ڪيل هندستان جي مغربي سرحدن جي سلامتيءَ جو وڏو فڪر ٿيو. ڇو جو ان وقت زار روس وچ ايشيا ۾ پنهنجو اثر وڌائي رهيو هو جنهنڪري انگريزن کي مغربي سرحدن لاءِ خطرو محسوس ٿيڻ لڳو.

انهيءَ خطري کي روڪڻ لاءِ انگريزن افغانستان جي امير دوست محمد خان ڏانهن هڪ سفارت موڪلي ته وڃي ساڻس دوستيءَ جو معاهدو ڪري اچي. دوست محمد خان معاهدي لاءِ رضامندي ڏيکاري ۽ سفارت اڳيان خواهش ظاهر ڪيائين ته انهي عهد نامي جي عوض انگريز ۽ کيس پشاور جو ضلع واپس حاصل ڪرڻ ۾ مدد ڪن (جو ان وقت رڻجيت سنگهه جي هٿ ۾ هو). انگريز اها ڳالهه قبول ڪرڻ لاءِ تيار نه ٿيا ڇو جو رڻجيت سنگهه سان ان وقت ناتا نيڪ لڳي سمجهيائون. جنهن ڪري دوست محمد خان انگريزي سفارت کي مايوس واپس موٽائي روسين سان دوستانه تعلقات قائم ڪرڻ لاءِ ڳالهيون شروع ڪيون. انگريزن کي انهيءَ ڳري ڳالهه وڏيڪ خطرو ٿيو ۽ هنن هڪدم افغانستان تي ڪاهي طاقت

جي زور سان دوست محمد خان کي تخت تان هٽائي، ان جي جاءِ تي افغاني تخت جي هڪ دعويدار شاهه شجاع کي وهارڻ جو فيصلو ڪيو، جو انهن ڏينهن ۾ لڌياڻي ۾ انگريزن جي سهاري هيٺ ٽڪي رهيو هو.

انهيءَ مطلب لاءِ رڻجيت سنگهه، شاهه شجاع ۽ انگريزن جي وچ ۾ هڪ ٺاهه ٿيو. پر رڻجيت سنگهه انگريزي فوجن کي پنهنجي علائقي مان لنگهي افغانستان وڃڻ جي اجازت ڏيڻ کان انڪار ڪيو. انهيءَ ڪري جنهن بنگال واري فوج کي پنجاب رستي خيبر جي لڪ کان افغانستان ۾ داخل ڪرڻ جو خيال ڪيو ويو هو انکي به انگريزن ڏکڻ پنجاب کان سنڌ ڏي موڙي روانه ڪرڻ جو فيصلو ڪيو.

بمبئي واري فوج کي سمنڊ رستي سنڌو نديءَ جي چوڙ وٽان درياءَ وسيلي سکر لهي شڪارپور پهچڻو هو. ٢٥ کان ٥٠ هزارن جي تعداد ۾ گوري ۽ ديسي انگريزي فوج کي، جا ان وقت جي سمورن اعليٰ جنگي هٿيارن سان مسلح هئي، سنڌ ۾ آڻڻ جو فيصلو ڪري ميرن ڏانهن هدايتون موڪليون ويون ته انهن ٻيڙين ۽ رسد جي ٻئي سامان جو انتظام ڪن.

بمبئي واري انگريزي فوج سر جان ڪين جي ڪمان هيٺ ڊسمبر ١٨٣٨ ۾ اچي سنڌو نديءَ جي چوڙ وٽ سرزمين سنڌ تي لٿي. سنڌ ۾ فوج داخل ڪرڻ بعد انگريزن انکي قانوني صورت وٺڻ لاءِ ميرن سان نئين معاهدو ڪرڻ جو خيال ڪيو.

افغانستان تي انگريزي ڪاهه جو ذڪر ڪندي سر چارلس نيپئر جي سوانح جو مصنف سر ڊبليو. ايف. بٽلر سنڌ اچڻ ذڪر ڪيل تصنيف ۾ لکي ٿو ته:-

"١٨٣٦ ۾ افغانستان اسان جي ويجهي ۾ ويجهي سرحد کان سون ميل پري هو؛ انهيءَ ڳالهه چوڻ جي ڪا به ضرورت ڪانهي ته روس ان وقت افغانستان جي آخري سرحد کان هزارين ميل پري هو. ان هوندي به هندستان جي وائسراءِ سر آڪلينڊ ۽ سندس ڪائونسل فيصلو ڪيو ته سکن جي علائقي يا سنڌ مان لنگهي وڃي افغانستان تي ڪاهجي ۽ اتي حاڪم کي هٽائي سندس جاءِ تي اهڙي ماڻهوءَ کي ويهارجي جو مدت کان اسان جي هٿ ۾ هئيو يا هٿ ٺوڪيو ٿي رهيو هو؛ اسان جي پينشن کائيندڙ هو! انهيءَ بيان ڪرڻ جي ضرورت نه آهي ته اسان جي انهي پينشن کائيندڙ هٿ ٺوڪئي اسان جي انهن ڪوشش جي بدلي وري پنهنجي تخت جون ٽنگون ۽ پنهنجي بادشاهت جون ڪنجيون ۽ خزاني جو ڳچ حصو اسان کي ڏيڻو ڪيو هو."

هو وڌيڪ لکي ٿو ته:-

"افغانستان جي حاڪم دوست محمد تي، ڪاهڻ لاءِ اسان کي سکن يا ميرن جي ملڪ کي لتاڙڻو هو. رڻجيت سنگهه شاهوڪار، وڏي فوج رکندڙ ؛

پنهنجي ملڪ جو اڪيلو حاڪم هو ۽ اسانجا ساڻس
گهاٽا تعلقات هئا. مير به شاهوڪار هئا پر وٽن
ڪا به باقاعده فوج نه هئي. هو پاڻ ۾ وڙهيل هئا.
سنڌ ملڪ ننڍن ننڍن جدا جدا حاڪمن ۾
ورهايل هو. رنجيت سنگهه کي اهو آسرو ڏنو ته
اسان پاڻ سان مليو هو ته ڪيس شاهه شجاع کي
حاصل ٿيڻ واري ٽنهين ملڪ ۽ سنڌ مان ڪجهه
اراضيون ڏيون ويندئون ۽ اسان پنهنجي خزاني
مان به ڪيس ڏينداسون. پر ميرن جي خلاف
طاقت استعمال ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو. ان رٿا
موجب سنڌ اندر فوج داخل ڪري، مٿان رنجيت
سنگهه جو ڊپ وجهي ميرن کان سخت ۾ سخت
شرط قبول ڪرائڻا هئا. ١٨٤٢ ۾ ڪابل جي
انگريزي فوجن تي وڏي مصيبت آئي ۽ ڏاڍي
خواري ٿي. وائسراءِ لارڊ آڪلئنڊ کي واپس
گهرايو، ايلن برو کي نئون وائسراءِ مقرر ڪيو
ويو. لارڊ ايلن برو فيصلو ڪيو ته افغانن کي اول
شڪست ڏجي پوءِ ڪين ساڳيو حاڪم (دوست
محمد) ڏنو وڃي ۽ هندستان جي سرحد افغانستان
جي سرحد تي قائم ڪئي وڃي. انهي فيصلي
ڪرڻ بعد سرچارلس نيپيئر کي سنڌ جو نئون
ريزيڊنٽ ڪري موڪليو ويو"

ان وقت جي سنڌ

ان وقت جي اسسٽنٽ ريزيڊنٽ ڪئپٽن ايسٽوڪ جو منشي لطف الله جو بمبئي واري انگريزي فوج سان گڏ سنڌ ۾ آيو هو سو فارسي ۽ اردو جو اڳڀرو ماهر هو ڪي قدر ڪانياواڙي ۽ ڪڇي ٻوليون به ڄاڻندو هو.

ان وقت سنڌ جي ماڻهن جي تاثرات ۽ جذبن بابت هن پنهنجي سوانح حيات ۾ جيڪي لکيو آهي ان مان ظاهر آهي ته سياسي طرح سنڌ جا باشندا ان وقت به ڪافي سجاڳ هئا ۽ انگريزن جو سنڌ ۾ داخل ٿيڻ نهايت ناپسند هو ۽ خطرناڪ معلوم ٿي رهيو هو ۽ مايوس هجڻ سبب سواءِ خاموش نفرت ۽ حقارت ظاهر ڪرڻ جي هنن لاءِ ٻيو ڪو به رستو ڪونه هو.

لطف الله لکي ٿو :-

” سنڌ جي ڪناري تي لهڻ پٺيان مون سنڌين سان لهه وچڙ ۾ اچڻ جي ڪوشش ڪئي. اُهي سارو ڏينهن پنهنجي تمبوءَ جي ٻاهران ويٺا ٿاڻ ۾ گپ شپ هڻندا رهندا هئا. سنڌين ڀيٽ جو موضوع گهڻو ڪري سرڪاري معاملا هوندا هوا. مان اُهي خاموش ويٺو ٻڌندو هوس هڪ دفعي هڪ ڏر چوڻ لڳي ” ملڪ هاڻي جاڻ ته ويو. سگهوئي انگريزن جو مٿس مڪمل قبضو ٿي ويندو“ هو چوڻ لڳا ته ان ۾ ٽالپرن جو پنهنجو ڏوهه آهي، خاص طرح مير صوبدار خان جو، جي

انگريزن اڳيان جهڪندا ٿا وڃن ۽ انگريزن
جهڙي خطرناڪ قوم جي دوستيءَ جي خيالن ۾
آهن. انگريز اڳ ئي ساري هندستان تي قبضو
ڪري چڪا آهن جلد سنڌ تي به سندن قبضو ٿي ويندو.
پيو چوڻ لڳو ته دوستو اوهين ڀليل آهيو.
حيدرآباد وارا مير ڪٺي صفا عيسائي ٿي وڃن پر
جيستائين ميرپور وارو شير محمد خان اسانجي
پاسي آهي تيستائين ڪوبه ڪونهي.
(شير محمد خان ان وقت تازو انگريزي فوج جي
بمبئي کان ايندڙ ائين ڪي، ڏکڻ سنڌ مان لنگهائڻ
جي، اجازت ڏيڻ کان انڪار ڪيو هو) مرحوم
مير ڪرم علي خان جي بيوه بيگم صاحبه هڪڙي
انگريزن جي مقابلي لاءِ ڪافي خزانو ڏئي ڇڏيو
آهي ۽ اڃا به ايترو ڏيڻ لاءِ تيار آهس جنهن سان
هو ساري دنيا جي فرنگين جو مقابلو ڪري ٿو
سگهي. جي خدا چاهيو ته انگريز جيڪو خزانو،
هٿيار ۽ ساز و سامان پاڻ سان هٿي آڻي رهيا آهن
اهو سڀ اسانجو ٿيندو. قرآن مجيد ۾ آهي ته
هڪڙو مومن ڏهن ڪافرن جي برابر آهي".
"ان تي هڪ سفيد ريش سنڌي ٿڌو ساهه ڪڍي
چوڻ لڳو ته آهه! دوستو اوهين خواب ڏسي
رهيا آهيو. توهان تي رنگ ڏنا ٿي ڪين آهن
يعني اڃا ڳاڙها ۽ ڪارا شيطان (يورپين ۽ ديسي

سپاهي) گڏ وڙهندي اوهان کان ڏٺا آهن. مان پيشوا * جي ملازمت وقت دکن ۾ هنن کي وڙهندو ڏٺو آهي، انهن جي هٿ پنهنجي ڪاٻي ٻانهن ۾ لڳل گوليءَ جو نشان ڏيکاريو جنهن گولي آرپار لنگهي وڃڻ تي ڏني پوءِ هو وري چوڻ لڳو ” برابر مڙس مڙس جي مٽ آهي؛ بعضي جوان ٻن ٽن کي ۽ مٿن ڏئي سگهندا آهن بشرطيڪ تلوار جو تلوار سان مقابلو هجي. هنن بزدلن (انگريزن) وٽ تلوارون ڪين آهن. جي انهن لاءِ به اهي اسان جي لٺين جي برابر مس آهن. پر هو پري کان پنهنجي بدمعاشي جي گولي واري هٿيار سان مڙس کي ڪيرايو ڇڏين ٿا جڏهن ماڻهو اڃا ڪانئن ميل پري ئي هوندو آهي. اهڙو ڪهڙو علاج ڪبو!“ اڳتي هلي لطف الله لکي ٿو:-

” بعضي آئون وچڙ ڏٺل ڏٺي ڪين پڳل ٺٺل سعدي ۾ چوندو هوس ته:- ”انگريزن کي سند وٺڻ جي ضرورت ڪانهي. ٺهڻ ڪانسواءِ هو مٺون جا دوست آهن. هن ملڪ ۾ آهن ڇا؟ هو فقط هندستان ۾ پنهنجي پڻ فتح ڪيل علائقن جي سلامتي جو بندوبست ڪرڻ لاءِ هتان فوجون لنگهائي رهيا آهن.“ مطلب انهيءَ چوڻ ٿي هو

* ”پيشوا“ مرهٽا خاندان جي حاڪمن جو خطاب هو جنهن انگريزن سان آخري جنگ ١٨١٨ ۾ لڳي هئي.

> سڀ ٽهڪ ڏيئي ولي کلندا هئا ۽ بعضي چوندا هئا ته 'سائين اوهين جيڪي چئو ٿا سو ٺيڪ هوندو اسين جت ماڻهو سرڪاري معاملن مان ڇا سمجهون، ائين چئي وري وڏا ٽهڪ ڏئي کلندا هئا"!

ان وقت سنڌ ۾ مري، کوسا، لاکي، چانڊيا، مگسي، ٻرڙي، جمالي، جلباڻي، جتوئي، ٽالپر، نظاماڻي، لغاري، جوکيا، نوهڙيا، لشاري، ڪلوئي، کهري، رند، ڪرمتي ۽ ٻيا بلوچ قبيلا آباد هئا. جوکين ۽ نوهڙين جا بلوچ قبيلا ان وقت لاڙ ۾ آباد هئا.

بلوچي نظام حڪومت انتهائي جمهوريت تي ٻڌل هوندو هو ۽ ڪو غريب کان غريب ماڻهو به سڌي طرح خود وڏي "رئيس" (حاڪم) تائين پهچي سگهندو هو ۽ فريادي عورتون سڌيءَ طرح ڏيڍين (ميرن جا حرم) وٽ وڃي فرياد ڪنديون هيون. بلوچن، پٺاڻن ۽ فوجي سرگرمين ۾ حصو وٺندڙ سنڌي قبيلن کي تمام گهڻي آزادي هوندي هئي. کليل دربار ۾ حاڪم مير کي هو ڪجهه به چئي ويندا هئا. حڪومتي لحاظ کان ميرن کي آزاد حاڪمن جو درجو هوندو هو ان هوندي به سڀڪو کين "سائين" سان خطاب ڪندو هو جو سنڌ ۾ بلڪل عام استعمال ۾ هوندو آهي. جيئن هندستان ۾ "صاحب" يا انگريزي ۾ "سر" يا "جنٽلمين" جا

لفظ استعمال ۾ ايندا آهن * معلمن يا استادن کي به سنڌي ۾ "سائين" چيو ويندو. مغلن ۽ ان زماني جي ٻين حاڪمن وانگر ميرن پنهنجي لاءِ ڪي به القاب ايجاد نه ڪرايا هئا.

شاهي درٻارن ۾ مسلح بلوچ ۽ پٺاڻ پنهنجي هٿيارن سميت بيڌڙڪ لنگهي ايندا هئا ۽ پاڻ ۾ ويٺا گپ شپ هڻندا هئا. هندستان جي ٻين درٻارن وانگر هتي درٻارين لاءِ درجا، خاص جايون، ڪي درٻاري آداب يا پابنديون نه هونديون هيون. مير حاڪمن پاڻ لاءِ ڪي به مخصوص تخت ڪين ٺهرايا. شروع ۾ ته هو سيڌي سان گڏ جي هيٺ قالينن تي ويهندا هئا. پوءِ حاڪمن لاءِ هڪ صندل ٿورڙو اوچو ٺهرائي مٿانس قالين وڇايو ويندو هو. باقي درٻاري هيٺ وڇايل قالينن تي ويهندا هئا.

اڪثر سرڪاري ڪاروبار ۽ فيصلا اتي وڏين شاهي عام کليل درٻارن ۾ ٿي سڀني جي مشوري سان ڪرڻ ۾ ايندا هئا. پوئين زماني ۾ اهم سرڪاري معاملن طيءِ ڪرڻ وقت فقط قبائلي سردارن کي سڏيو ويندو هو. جتي سرڪاري لکپڙهون وڏي آواز سان پڙهيون وينديون هيون جيئن هر ڪو حاضر ماڻهو ٻڌي سگهي. سموري لکپڙهه ۽ ٻيو ڪاروبار فارسي زبان ۾ ٿيندو هو جا بلوچن جي دفتري زبان هوندي هئي.

* ڪئپٽن پوسٽنس "آبزرويشنس آن سنڌ" ۾

حيدرآباد ڏانهن سفارت

اڳ ڪيل معاهدن کي ٽوڙي، سنڌ ۾ فوجون داخل ڪرڻ بعد ان کي قانوني صورت ولائڻ ۽ اڳتي هلي سنڌ کي مڪمل طرح پنهنجي غلامي هيٺ آڻڻ لاءِ، انگريزن ميرن سان نئين عهدنامي ڪرڻ جو فيصلو ڪيو. ڪئپٽن ايسٽوڪ ۽ ميجر جيمس آئوٽرام کي نئين معاهدي جي مسودي سان حيدرآباد موڪليو ويو ته وڃي ڳالهيون هلائين.

هن معاهدي جا ٢٣ فقرا هئا جن ۾ اول صلح ۽ دوستي جي دستوري اعلان کانپوءِ ٺٽي ۾ انگريزي فوجن جي مستقل رهائش ۽ سنڌ ۾ رهندڙ سمورين انگريزي فوجن جو خرچ ميرن کان طلب ڪيو ويو هو. جنهن مان انگريزن جي دعويٰ مطابق سنڌ کي وڏا فائدا پهچڻا هئا! سنڌ جي سرحدن جي بچاءُ جو ذمو انگريزن پاڻ تي کنيو هو ۽ ان سان گڏ خطري جي حالت ۾ سنڌي فوج کي انگريزن طرفان هر ڪنهن مدد ڪرڻ جا پڻ وعده ڪيل هئا. معاهدي جي مهاڳ ۾ ان وقت جي "رئيس" مير نورمحمد خان جو انهيءَ ڳالهه ڏانهن ڇڪايو ويو هو ته "انگريز چاهين ٿا ته سنڌ ۾ ميرن جي حڪومت ۽ انگريزي حڪومت پاڻ ۾ ملي بلڪل هڪ ٿي وڃن" *

ڪئپٽن ايسٽوڪ ۽ ميجر آئوٽرام ٢٠ جنوري ١٨٣٩ تي حيدرآباد ۾ پهتا. ميرن جو هڪ عزيز، دوستعلي

* سنڌ بابت پارليامينٽ اڳيان پيش ڪيل ڪاغذات

ڪيو. استقبال جو وفد انگريزي خان خيرالله ولد خان ماڻھو خاص جو خان صوبدار مير ۾ جنوري ٢٣ بدرالدين مير پيغام مخفي وٽان صاحب مير ۽ آيو وٽ وفد انگريزي شاھ خواھ خير ۽ دوست جو انگريزن ھميشه آئون ته ,, آندائين جي (سوڻن سندس ڪري انهيءَ ” آھيان به ھاڻي ۽ ھوس منٽس لاءِ روش جي (ھيا رھيا سيالي حڪومت نظام خاطري اھڙي ڪيس انگريز ۽ گهرجي نه پوڻ داري ذمه ڪاھ منشي ھندستاني پنھنجي وڪ ايسٽ ڪئپٽن ۾ ان . ڏبن مير وچي نه موڪليو گڏي سان بدرالدين پير کي لطف الله . آھي ڏني يون خاطر طرفان انگريزن کي صاحب

لطف الله پنھنجي خود نوشت سوانح ۾ لکي ٿو ته :-

,, بلوچن جون ٿوليون شھر ۾ وينيون ھيون جن مولکي انگريزن جو ماڻھو سمجھي پير بدرالدين جي مٿھن تي بد شد ڳالھايو. مٿھن جي ٻئر صاحب اگيان احتجاج ڪرڻ تي ٻئر صاحب چوڻ لڳو ته اھي جھنگلي سولجر آھن انھن کي ڊر لڳين لاءِ ڏڪار آھي ۽ ڏوھالکي انگريزن جو ماڻھو سمجھي ھو پنھنجو وات خراب ڪري رھيا آھن انھن کي نه ٻڌو. خود ربزيڊنٽ صاحب به انھن جي ڳالھ تي ڪو به ڌيان ڪو نه ڏيندو آھي “

صوبدار خان کي انگريزن طرفان خاطريون ڏني موڻ بعد لطف الله ايسٽ وڪ ۽ آلو تزام سان گڏ جي ، صوبدار خان جي سوٽ حڪمران ميرن جي دربار ۾ ويو. لطف

الله پنهنجي خود نوشت سوانح ۾ دربار جو هيٺيون احوال لکيو آهي :-

„ بلوچ نوڙي ڀيا دربار ۾ اسانکي نفرت ۽ حقارت جي نگاهن سان ڏسي رهيا هئا . رسمي خير و عافيت کانپوءِ ڪئپٽن ايسٽ وڪ معاهدي جي مسودي جو فارسي ترجمو دربار ۾ پڙهي ٻڌايو جنهن جي خاتمي تي بلوچن ۾ جوش جا آثار پڻ ڏسڻ ۾ آيا . ان وقت ميرن جي هڪڙي اشاري تي اسان سڀ ختم ٿي وڃون ها .

” مير نور محمد خان اول بلوچي زبان ۾ پنهنجي ڀڻ سائين نصير خان ۽ مير محمد خان کي چيو ته ” فرنگين جي وعدن تي جيڪو اعتبار ڪري تنهنکي لعنت هجي “ ۽ پوءِ فارسيءَ ۾ انگريزن کي مخاطب ٿي چيائين ته :-

„ مان سمجهانٿو ته اوهانجا معاهدا اوهانجي سهولتن ۽ ضرورتن مطابق تبديل ٿيندا رهندا آهن . ڇا دوستن ۽ محسنن سان اوهان وٽ اهڙي ئي سلوڪ ڪرڻ جو دستور آهي ؟ جيڪڏهن اسانکي خبر هجي ها ته اوهان پنهنجي معاهدن کي ٺوڪر هڻي اسانجي سلامتي خطري ۾ وجهندا ۽ اسانتي، توان ذلالت آميز معاهدا مڙهيندا ته اسان پنهنجي ۽ پنهنجي ملڪ جي بچاءَ لاءِ مناسب قدم کڻون ها . اوهان کي خبر هجي ته اسان بلوچ

آھيون ۽ واٽ ماڻھو آھيون جنڪي سولائي سان ٺاھاري سگھبو. اسان ملڪ جا اڪيلا مالڪ آھيون. پر ساري بلوچ قوم جا مفاد حڪومت سان وابسته آھن"

"نورمحمد خان کي ٻڌڻ بعد ڪئپٽن ايسٽوڪ عربي ۽ فارسي جون تمثيلون ڏئي جواب ڏنا جن جو مطلب ھو ته: اسانجي حڪومت جو اوھانکي تڪليف ڏيڻ جو ڪو به ارادو ڪونھي. پر ضرورت اچڻ تي ڪو به قاعدو ڪونه ٻڌندو آھي دوست کي تڪليف وقت دوست جي مدد ڪرڻ گھرجي. افغانستان سان جنگ نه رڳو ھندستان جي بچاءَ لاءِ پر خود اوھانجي بچاءَ لاءِ به ضروري آھي. وغيره.

"مير نورمحمدخان اول مشڪيو ۽ پوءِ ٿڌو ساھ ڪڍي ايسٽوڪ کي چيائين ته ڪاش! جيڪر آئون لفظ "دوست" جي معني سمجھي سگھان ھا جيڪو اوھان استعمال ڪري رھيا آھيو! اسان اوھانکي في الوقت ڪو به جواب ڏئي نٿا سگھون جو اسانکي اھڙن سڀني سان صلاح ڪرڻي پوندي جن جا مفاد ھن معاملي سان وابسته آھن ۽ جي ھر ويرو اسانجا زيردست ۽ اسانجي ضابطي ھيٺ به نه آھن."

لطف الله پنھنجي سوانح عمري ۾ لکي ٿو ته:-

٢٣ تاريخ انگريزي وفد کي ميرن وٽان جواب اچڻو هو. پر عام بلوچن ۾ نهايت گهڻو جوش هو ۽ آثار چڱا نه ٿي ڏسڻ ۾ آيا انگريزن جي هڪ مقامي جاسوس اطلاع موڪليو ته اسانکي خبردار رهڻ گهرجي. ٢٤ جنوري تي اسان حيدرآباد ڇڏي سرجان ڪمن جي ڪئمپ ڏانهن روانا ٿياسون جا ان وقت جهرڪن ۾ هئي.

٢٩ تاريخ اسماعيل شاهه آيو ۽ ميرن طرفان نئين معاهده قبولڻ لاءِ آمادگي ظاهر ڪيائون جنهن تي سندس پٽ لکي شاهه کي دستخط حاصل ڪرڻ لاءِ حيدرآباد موڪليو ويو.

هڪ جرمن فوجي عملدار ڪئپٽن فان آرلڪ لئو پولڊ جو ١٨٤٢ واري افغان مهم ۾ انگريزي فوج سان گڏ سنڌ ۾ آيو هو تنهن ان وقت هتان جرمني موڪليل پنهنجي هڪ خط* ۾ لکيو آهي ته:-

> ١٨٣٩ ۾ جڏهن افغانستان تي ڪاهڻ لاءِ انگريزن کي سنڌ ۾ پنهنجي فوج آڻڻي پيئي تڏهن هنن پنهنجي پٺ جي سلامتيءَ جي خيال کان ميرن سان هڪ معاهدو ڪيو جو ميرن رضا خوشي سان قبول ڪيو پر بلوچ سردار ان تي راضي نه هئا. هنن صاف سمجهيو ٿي ته انگريزن جهڙي طاقت جي اثر وڌڻ جو لازمي نتيجو اهو نڪرندو جو بلوچن جو اثر صفا ختم ٿي ويندو. تنهن ڪري

* "مصنف جو "ٽرئولس ان انڊيا""

ميرن جي اهڙي معاهده ڪرڻ جي باوجود بلوچن ڪيترن ئي موقعن تي دشمنانه ڪارروايون پئي ڪيون. ١٨٣٩ع واري معاهدي، کانپوءِ حڪمران مير انگريزن جا محتاج بڻجي چڪا آهن ۽ مٿن نظرداري رکڻ لاءِ حيدرآباد ۾ پوليٽيڪل ايجنٽ مقرر ٿيل آهي.

٣ فيبروري ١٨٣٩ تي بمبئي واري فوج جهرڪن مان اڳ ڏالهن ڪوچ ڪري ڪوٽڙي وٽ اچي منزل ڪئي. هتي پهچڻ تي انگريز فوجي ماهرن جي هڪ ٽولي توبخاني جي برگيڊ ميجر جي اڳواڻيءَ هيٺ قلعي ۽ اتي پسگردائي جي چڪاس لاءِ موڪلي وئي. جن آئوٽرام جي اڳ ڪيل سروي جي تصديق ڪئي ۽ حملي جي رٿا کي پسند ڪيو.

پنجاب کان فيروزپور رستي ڏوهڙي ۾ پهتل بنگال واري فوج، فيبروري جي ٽئين هفتي ۾ سبوهڻ پهتي جتي انگي سمنڊ رستي سنڌ و نديءَ جي چوڙ وٽان سنڌ ۾ داخل ٿيندڙ بمبئي واري فوج گڏ جڙي هئي، جتان ٻنهي کي گڏ جي شڪارپور پهچڻو هو جتي انگريزن جي همت ٽوڪئي، افغان بادشاهه، شاهه شجاع کي به آندو ويو هو.

حيدرآبادي خواه خيرپوري ميرن جي سمورين ڪوشش ۽ ڪڙمڪڻ جي باوجود، انگريزي فوج جي چڙهائي جي ساري رستي تي، ويندي بولان تائين بلوچ خواه ملڪ جا ٻيا عام باشندا انگريزن تي حملا ڪندا رهيا. هر ممڪن

موقعي تي انگريزي فوج جي لڏ پلاڻ تي ننڍين ننڍين ٽولين حملا ڪري رڪاوٽون وجهي وڌائون. انگريزي فوج کان هٿيار ۽ اُٺ ڦُرڻ جا ڪيترائي واقعا ٿيا، جن مان ظاهر هو ته عام بلوچ ۽ ملڪ جا ٻيا باشندا ميرن جي اختيار ڪيل رخ تي سخت ناراض هوا. ان ڳالهه اهڙين ننڍين ننڍين جهڙپن جو انگريزن تي ڪو به خاص اثر ڪونه ٿيو ۽ افغانستان تي انگريزن جي چڙهائي ڪامياب ٿي.

١٨٣٩ جو سال ڪنهن به غير معمولي واقعي کان سواءِ گذري ويو. فيبروري ١٨٤٠ ۾ آئوٽرام وري پوليٽيڪل ايجنٽ مقرر ٿي آيو. ١٨٤١ ۾ انگريزن مير پور خاص واري مير شير محمد خان سان هڪ معاهدي وسيلي پنهنجا تعلقات سڌاريا.

١٨٤١ ۾ مير نور محمد خان وفات ڪئي ۽ نصير خان کي ”رئيس“ منتخب ڪيو ويو.

مياڻيءَ کان اڳ

کجاست برق نگاهي که خانمان سوزد
مرا دعا مگر کشت و حاصل است هنوز

خيرپور ۾ سهراب خان پنهنجي زندگيءَ ۾ ئي سندس وڏي پٽ رستم خان کي ”رئيسي“ جي پڳ ٻڌائي ڇڏي هئي پر سندس وفات بعد سهراب خان جو ننڍو پٽ علي مراد انگريزن سان ساز باز ڪرڻ لڳو ۽ کين چيائين ته جيڪڏهن ڪنهن طرح مونکي ”رئيس“ بڻايو ته آءٌ هر طرح توهان جي اشاري تي هلڻ لاءِ تيار رهندس.

”آڪٽوبر ۱۸۴۲ ڌاري سنڌ جون حالتون عام طرح سان ٺيڪ ٺيڪ پئي لڳيون. اهي جيتوڻيڪ بلڪل تسلي بخش نه هيون ان هوندي به ڪن (انگريز) ماهرن جو رايو هو ته سنڌ سان (انگريزن جو) جيڪو ان وقت تعلق هو ان ۾ ضروري تبديليون ڪيون وڃن جيئن سنڌو ندي ۾ جهاز راني ۽ ملڪ اندر واپار جون سهولتون حاصل ڪري سگهجن ۽ ملڪ ۾ اهڙو بهتر حڪومتي انتظام قائم ٿي سگهي جنهن ۾ اسانجو وڌيڪ دخل هجي“*

سپٽمبر ۱۸۴۲ ۾ سر چارلس نيپيئر سنڌ جو نئون ريزيڊنٽ مقرر ٿي آيو. چارلس نيپيئر جي حيدرآباد پهچڻ شرط ئي انگريزن کي پنهنجي جاسوسن وسيلي

---

* ڪئپٽن پوسٽنس ”آبزرويشنس آن سنڌ“ ۾

اطلاع پهچڻ لڳا ته مير فرنگين خلاف جهاد جون تياريون ڪري رهيا آهن! *

سر چارلس نيپئر نومبر ١٨٤٢ع ۾ حيدرآباد توڙي خيرپور جي ميرن اڳيان نئون معاهدو پيش ڪيو جنهن موجب ڪراچي، ٺٽو، سکر، ڀکر، روهڙي ۽ درياءَ جي ٻنهي ڪنارن تي هڪ سووال اراضي انگريزن مستقل طرح پنهنجي طلب لاءِ ڪئي هئي، واپاري مال تان سمورن محصولن رد ڪرڻ جو مطالبو ڪيو هئائون ۽ روهڙي کان سبزلڪوٽ تائين خيرپور جي سموري اراضي بهاولپور جي نواب لاءِ گهري ورتي هئي جو هو انگريزن سان وفادار رهيو هو. نيپئر پنهنجي مطالبن کي زوردار بنائڻ لاءِ فوجي طاقت جي مظاهري ڪرڻ جو فيصلو ڪيو جنهن موجب هن اول خيرپور ۽ پوءِ حيدرآباد تي فوج ڪشي جون تياريون ڪيون.

نيپئر جي مقرر ٿي اچڻ تي علي مراد جون پنهنجي وڏي ڀاءُ رستم خان خلاف سرگرميون ٻيڻ تيز ٿي ويون. اهي ڳالهيون قدرتي هيون ڇو جو لارڊ آڪلئنڊ سنڌ کي غلام بنائڻ جو پڪو ارادو ڪري، نوءِ ٿي سر چارلس نيپئر کي حيدرآباد جو ريزيڊنٽ مقرر ڪيو هو.

علي مراد هڪ طرف پنهنجي پيرمرد ڀاءُ کي انگريزن جي ارادن جا ڊپ ڏيارڻ، هو ڪيس گادي تان لاهي قيد ۾ وجهڻ ٿا گهرن ته ٻئي طرف انگريزن کي رستم خان جي مخالفانه سرگرمين جا قصا گهڙي موڪلڻ لڳو. سر

* سر وليم نيپئر "ڪانڪوئيسٽ آف سنڌ" ۾

چارلس نيپئر کي پڪين ٻڌايائين ته رستم خان جي اڳواڻي هيٺ ٻيا سنڌ جا مير انگريزن سان وڙهڻ لاءِ فوجون گڏ ڪري رهيا آهن.

سر ڊبليو. ايف. نيپئر جي لفظن ۾ "علي مراد جنرل چارلس نيپئر جي دوربين هو جنهن جي ذريعي کيس ميرن جي جنگي تيارين جي هر ڪا خبر پوندي رهندي هئي"*

سر چارلس نيپئر جو الوقت ٺٽين معاهدي واسطي خيرپور جي ميرن سان ڳالهين هلائڻ لاءِ سکر آيل هو تنهن هڪدم ڪوٽ ڏيجي ڏانهن ڪاهڻ جو فيصلو ڪيو. علي مراد رستم خان کي اهو احوال ٻڌائي کيس ڊيڄاري اتان ڀڄائي ڪڍيو ۽ هڪ مصنوعي دستاويز رستم خان جي نالي ۾ تيار ڪيائين جنهن ۾ رستم خان طرفان انگريزن کي اطلاع ڏنو ويو هو ته هو رضا خوشيءَ سان علي مراد جي فائدي ۾ "رئيسي" تان دستبردار ٿي ويو آهي. نيپئر هڪدم علي مراد کي خيرپور جو رئيس ظاهر ڪري سڀني ميرن ۽ بلوچ قبيلن لاءِ علي مراد جي تابعداري ڪرڻ جون هدايتون ڪڍيون. علي مراد کي "رئيس" ظاهر ڪرڻ بعد نيپئر رستم خان جي پيڇي ڪرڻ جو ارادو ڪيو.

٤ جنوري ١٨٤٣ع تي ڪجهه فوج ۽ علي مراد کي پاڻ سان ڪري سر چارلس نيپئر امام ڳڙهه ڏي ڪاهڻ جو فيصلو ڪيو جو سمجهيو ويو ٿي ته رستم خان امام ڳڙهه ڏانهن ڀڳي ويو آهي.

* سوانح حيات "سر چارلس نيپئر"

۽ آئوٽرام، سر چارلس کي زور آڻيو ته اول رستم خان سان ڳالهيون ٻولهيون وسيلي ڪنهن ناه کي اچڻ جي ڪوشش ڪرڻ گهرجي ۽ صلاح ڏنائين ته ڪيس رستم خان سان وڃي ڳالهيون ڪرڻ جي اجازت ڏني وڃي. سر چارلس، آئوٽرام کي اهڙي اجازت ڏني ۽ آئوٽرام علي مراد جي هڪ ايجنٽ ۽ ڪن ٻين عملدارن کي ساڻ ڪري وڃي ڏيجي رستم خان سان مليو. جنهن آئوٽرام کي ٻڌايو ته ڪيئن علي مراد کيس دوکو ڏئي پڳ ڏيڻ لي مجبور ڪيو هو.

آئوٽرام پنهنجي طرفان رستم خان کي صلاح ڏني ته خيرپور وڃي رهي ۽ جنرل سر چارلس نيپئر سان ملي. هن کان پوءِ رستم خان سان ملاقات ڪرڻ بعد تصديق ڪئي ته رستم خان انگريزن جي مقابلي لاءِ ڪا به فوجي تياري نه ڪئي هئي ۽ ساڻس ڪا به فوج يا بلوچن جو ڪو وڏو مجموعو ساڻ نه هو. آئوٽرام جي صلاح تي عمل ڪندي رستم خان اول پنهنجا نمائندا يا وڪيل سر چارلس سان ملڻ لاءِ موڪليا. پر علي مراد انهن کي ٻه رشوتون ڏئي پنهنجي پاسي ڪري ڇڏيو ۽ رستم خان جو جنرل ڏانهن لکيل خط بدلائي، انهي عرض، سخت لفظن ۾ لکيل هڪ ٻيو بناوٽي خط تيار ڪري، رستم خان جي نمائندن کي ڏنو ۽ چيو ته اهو وڃي جنرل اڳيان پيش ڪن. جنرل سان ملاقات ڪري موٽڻ تي، علي مراد جي ڪيل منصوبي موجب، انهن نمائندن يا وڪيلن ٻاهر وڃي رستم خان کي وڏي ڀڪ ۾ ڀچاريو ۽ بدظن ڪيو. ڪيس

ٻڌايو ويو ته ٽوڪي ڦاسائڻ لاءِ ئي سر چارلس نيپئر سان ملڻ جي صلاح ڏني وئي هئي ۽ رستم خان کي خيرپور ڏانهن موٽڻ کان روڪيو ويو.

هي بهرحال هڪ حقيقت آهي ته انگريز هر صورت سنڌ کي قبضي هيٺ آڻڻ جو فيصلو ڪري چڪا هئا ۽ رستم خان ڪري جنرل نيپئر سان ملي ها ته به انگريزن جي مقرر ڪيل بنيادي پاليسيءَ تي انهو ڪو به اثر ڪونه ٿئي ها.

١١ جنوري تي سر چارلس نيپئر ڪاهي اچي امام ڳڙهه ۾ پهتو. مير محمد خان جنهن جو اهو قلع هو سو اڳ ئي فرار ٿي چڪو هو ۽ وڃي رستم خان سان شامل ٿيو هو. امام ڳڙهه ۾ فقط ڪجهه اناج ۽ بارود پيل هو. قلع مان هٿ آيل ٧ هزار ڪن پائونڊ بارود، توبن وسيلي قلع کي اڏائڻ لاءِ ڪم آندو ويو ۽ قلع کي اڏايو ويو. امام ڳڙهه خيرپور کان ڏکڻ ۾ ٿورو اوڀر طرف ١٠٠ ميلن جي فاصلي تي هو.

امام ڳڙهه کي بارود سان اڏائڻ بعد سر چارلس پوئتي موٽيو ۽ ٢٢ جنوري تي ڏيجي ويجهو پير ابو بڪر ۾ پهتو. الي افغانستان ۾ پهتل ذلت جو بدلو چڪائي واپس موٽندڙ فوجن کي اچي گڏ ٿيڻو هو. جنان انهن کي، حيدرآبادي ميرن سان ٺاهه نه ٿيڻ واري صورت ۾ حيدرآباد تي ڪاهڻو هو. آئوٽرام کي حيدرآباد روانو ڪيو ويو ته، وڃي ميرن سان نئين معاهدي لاءِ ڳالهيون هلائي ٨ فيبروري ١٨٤٣ تي آئوٽرام حيدرآباد ۾ پهتو.

آئوٽرام جي سوانح جي مصنف سر جان گولڊ سمڊ لکيو آهي ته هن زماني جي باري ۾ گهڻيون ئي غلط فهميون ۽ اختلاف آهن پر هڪ ڳالهه بلڪل صاف آهي ته "جنرل سر چارلس نيپئر سنڌ ۾ انگريزن جو بالا عملدار، پنهنجي ذاتي راءِ ۽ وائسراءِ هند جي منظوريءَ سان، جلد کان جلد عملي کي نازڪ ڪڙيءَ تي پهچائڻ لاءِ منتظر هو ۽ آئوٽرام جنهن اها ڳالهه مناسب نٿي سمجهي تنهن کي پنهنجي ضمير جي خلاف ڳالهيون ڪرڻيون ٿي پيون.

حڪمرانن جي ناهه پسندي

هن زماني ۾ خيرپور توڙي حيدرآباد ٻنهي هنڌن تي انگريزن جي جاسوسي نهايت زور هئي. سمورن مکيه غير بلوچ منشين ۽ وزيرن کي تحفن جي صورت ۾ خرچيون ۽ پينشنون عام ڏنيون وينديون هيون جن جو دربار ۾ زور هو. ٻيا بلوچ سردار ته ڇڏيو پر خود پنهنجي عزيزن سان به حڪمران ميرن جو ناته ڪونه هو انگريزن جي مخفي ايجنٽن جي سرگرمين کان متاثر ٿي حيدرآباد جا حاڪم هر طرح ۽ هر حالت ۾ انگريزن سان ناته ٽي اچڻ لاءِ منتظر هئا. بعض حالتن ۾ ته اها ناه پسندي حد کان به لنگهي ٿي وئي. مثال طور جڏهن سر جان ڪين افغانستان سان ٻهراڻ جنگ ۾ فتح حاصل ڪري موٽيو ۽ بمبئي ويندي حيدرآباد وٽ پهتو تڏهن ميرن سندس ڪاميابي جي خوشيءَ ۾ ڪيس توبن جي سلامي ڏني هئي.

ان کان اڳ ڊسمبر ١٩٣٩ ۾ جڏهن قلات تي انگريزن

جي قبضي ۽ خان محراب خان جي شهادت جي حيدرآباد
۾ خبر پهتي ته هن انهيءَ خوشيءَ ۾ مير نور محمد خان قلعي
جي ٢١ توبن جي سلاميءَ ڏياري ۽ ساري شهر ۾ روشني ڪري
جشن ڪرڻ جا احڪام جاري ڪيا هئا !

۽ خيرپور جي پڳڙي مير رستم خان ۽ ميرپور جي
ماڻڪاڻي ميرن ۾ انهيءَ برعڪس انگريزن جي خلاف ڪافي
نفرت ۽ حقارت جو جذبو هو. ممڪن آهي ته انجو سبب اهو
هجي جو انگريزن پاڻ به حيدرآباد کي وڌيڪ اهم سمجهي
پنهنجين ڪوشش ۽ سرگرمين جو انکي خاص طرح مرڪز
بڻايو هو.

عام بلوچن ۾ به حيدرآباد وارن ميرن جي انهيءَ ناهه
واري روش تي عام ناراضپو هو پر رستم خان سان ٿيل
ٺاڳي ظلم ته کين نهايت سخت ناراض ڪيو هو ۽ منجهن
ڏاڍو ونءُ هو.

٢ فيبروري ١٨٤٣ تي رستم خان پنهنجي ڪن پنهن
عزيزن سميت حيدرآباد پهتي ويو ۽ ٤ فيبروري تي
ميجر آئوٽرام به سر چارلس نيپئر طرفان نئين معاهدي بابت
ڳالهين هلائڻ لاءِ حيدرآباد آيو.

رستم خان جي حيدرآباد پهچڻ تي غلام علي خان نظاماڻيءَ
مرزا خسرو بيگ ۽ يوسف خدمتگار جي هڪ سفارت
سر چارلس نيپئر سان ملڻ لاءِ موڪلي وئي جنهن
جي ان وقت سيوهڻ وٽ ڇاوڻي هئي. هن سفارت
جنرل نيپئر کي ٻڌايو ته رستم خان سان انصاف ڪري ڪيس

واپس "رئيس" تسليم ڪيو وڃي جو انهيءَ سوال ۾ بلوچن ۾ نهايت سخت ڳالهه آهي. جيڪڏهن رستم خان سان انصاف نه ٿيو ۽ انگريز حيدرآباد آيا ته بلوچ تلوارن کڻڻ لاءِ مجبور ٿيندا ۽ بلوچن سان جنگ ڪرڻ ڪو چرچو نه آهي.

جنرل نيپئر کي ڪاوڙ آئي جنهن وفد سان وڌيڪ ڳالهيون ڪرڻ کان انڪار ڪندي کين چيو ته مان پاڻ جنگ جي فائدي ۾ آهيان ۽ ڏسنداسون ته بلوچي تلوارن ۽ ڍالن سان وڙهڻ واريون بندوقون ڪيئن ٿيون سگهن ۽ گولين وارين بندوقن جو مقابلو ڪن.

سفارت واپس موٽي آئي ۽ ميرن کي جنرل جي ارادن کان واقف ڪندي کين ٻڌايو ويو ته انگريز جنگ ڪرڻ ٿو چاهي. مگر ميرن ڪنهن به قسم جي جنگي تياريءَ جي ڪا به ڪوشش نه ڪئي ۽ تياري واسطي ڪنهن به قسم جا احڪام جاري نه ڪيا. هوڏانهن آئوٽرام ظاهري طرح عهدنامي جو اڳون پيش ڪيل مسودو قبول ڪرائڻ ۾ حقيقت ۾ سر چارلس نيپئر جي خاص هدايتن هيٺ ڳالهين کي جلد کان جلد نازڪ ڪڙيءَ تي پهچائڻ لاءِ "پنهنجي ضمير جي برخلاف" پنهنجون سرگرميون شروع ڪيون.

٥ ۽ ٦ فيبروريءَ تي آئوٽرام ميرن سان ڪانفرنسون ڪيون جن ۾ نصير خان ۽ مير محمد خان، حيدرآباد جي ميرن جي طرفان، رستم خان سندس پٽ ۽ نصير خان ۽ مير محمد خان خيرپور وارا شامل هئا. دربار ۾ ميرن طرفان آئوٽرام تي زور آندو ويو ته رستم خان کي واپس

خيرپور جو ”رئيس“ تسليم ڪيو وڃي ۽ چارلس نيپيئر جي اڳواڻيءَ هيٺ جيڪي انگريزي فوجون درياءَ جي اڀرندين ڪناري سان حيدرآباد ڏانهن ڪاهي رهيون آهن انهن کي روڪيو وڃي. هن حالت ۾ بلوچن کي تلوارون ڪڍڻ کان هو اصل روڪي نه سگهندا. آئوٽرام ڪين صلاح ڏني ته اول هو انهين عهدنامي کي قبول ڪن. ته پوءِ جنرل کي چڙهائي نه ڪرڻ لاءِ لکيو وڃي.

٩ فيبروري تي ميرن جا نمائندا ميجر آئوٽرام وٽ آيا ۽ اچي هڪ قبوليت تي مهرون هنيائون ته مير نئون پيش ڪيل عهدنامون قبول ٿا ڪن (جنهن جا شرط مٿي ڏنا ويا آهن). ١٠ فيبروري ١٠ محرم هئي جنهن ڪري ان ڏينهن تي ڪابه ڪارروائي ڪا نه ٿي.

نئون عهدنامه منظور

ميجر آئوٽرام وري ١٢ فيبروريءَ تي ميرن وٽ ويو جتي سڀئي مير موجود هئا ۽ هنن انهين عهدنامي تي صحيحون ڪيون. جنهن کانپوءِ سائڳي ڏينهن ميجر آئوٽرام سر چارلس ڏانهن هڪ خط لکيو، جنهن ۾ ميرن جي نئين عهدنامي کي قبول ڪرڻ جي خوشخبري ڏنائي کيس فوجي چڙهائي ملتوي ڪرڻ جي صلاح ڏيندي لکيائين ته:- هي بيوقوف (مير) ڏاڍا ڊنل آهن ڇو جو حيدرآباد تي اوهان جي ڪاهه باقاعده جاري آهي. ڪالهه هنن حيدرآباد ۾ گڏ ٿيل بلوچن کي ڇڙوڇڙ ڪري واپس موٽائي ڇڏيو آهي. پر جيڪڏهن

اوهان جي ڪاهه جاري رهي ته پوءِ شايد هنن کي ٻ ٽ پ
ڪان لاچار پنهنجي جلدي سنڌي فوج کي جمع ڪري
پنهنجي بچاءَ جي ڪوشش ڪرڻي پوي.

ساڳئي ڏينهن انگريزن هڪ ٻيو نازڪ معاملو پيدا ڪيو. مري قبيلي جو سردار حيات خان پنهنجي ڪن ماڻهن سان حيدرآباد اچي رهيو هو ته واٽ تي سڪرنڊ وٽ هو جنرل جان جيڪب جي گهوڙيسوار رجمينٽ جي ڇانوڻيءَ کان اچي لانگهائو ٿيو. سرچارلس جي حڪم موجب ڪئپٽن جان جيڪب حيات خان کي سندس ٢۴ ماڻهن سميت گرفتار ڪيو.

هن واقع متعلق سر وليم نيپئر پنهنجي ڪتاب ”فتح سنڌ“ ۾ لکي ٿو:-

”جان جيڪب کي حڪم مليل هوا ته هو پنهنجي ڪئمپ وٽان ڪنهن به مسلح بلوچ کي لنگهڻ نه ڏئي ۽ جيڪو به هٿيار بلوچ، سندس ڪئمپ جي پر پاسي کان لنگهي ته انکي گرفتار ڪيو وڃي. ١٢ فيبروري تي ٢٥ مري اچي جيڪب جي ڪئمپ وٽان لانگهائو ٿيا. هنن هٿيارن ڏيڻ يا هيڊڪوارٽر ڏانهن هلڻ کان انڪار ڪيو. جنهن تي سر چارلس جي حڪم هيٺ ڪين گرفتار ڪيو ويو. حيات خان جي تلاشيءَ ۾ وٽانئس هڪ خط هٿ آيو. جو حيدرآباد جي مير محمد خان ڪيس لکيو هو ۽ چيو هئائينس ته پنهنجي قوم جا سورا وڙهڻ لائق

ماڻهو ساڻ ڪري ٩ محرم تي حيدرآباد پهچي وڃي. شايد مير محمد خان کي خط لکڻ وقت وسري ويو هو ته ١٠ تاريخ عاشورا آهن.”

مير محمد خان جي خط جو فقرو لوڏيندڙ ويچار ڪرڻ لئي نهايت ڪل جهڙو افسانو معلوم ٿو ٿئي، جو شايد انگلنڊ جي ماڻهن کي گمراهه ڪرڻ لاءِ ڪار آمد ٿئي باقي هندستان جي هر هڪ باشندي کي بخوبي معلوم آهي ته جڏهن ڪو مسلمان ٩ محرم الحرام ذهن ۾ آڻيندو ته ڏهين هڪدم هن کي ١٠ تاريخ يوم عاشورا هئڻ جو خيال ايندو ۽ اهو چوڻ نهايت ئي معقول آهي ته ميرن جنگ لاءِ ٩ تاريخ مقرر ڪئي جو ڪين اها ڳالهه ياد نه هئي ته ١٠ تاريخ عاشورا آهن!

انهن کان سواءِ هيءَ ڳالهه به نهايت ئي حيرت انگيز آهي ته مير، مري سردار کي لکن ٿا ته حيدرآباد ۾ انگريزن سان جنگ ٿيڻي آهي ۽ هو فقط پنهنجا ٢٤ ماڻهو ساڻ ڪري حيدرآباد روانو ٿئي ٿو!

انهن حقيقتن مان ظاهر آهن ته حيات خان نه رڳو ميرن وٽان جهاد ۾ شريڪ ٿيڻ جي دعوت تي حيدرآباد ڪونه ٿي ويو پر کيس ان وقت جي ڏوجهي حالتن جو پتو ئي ڪونه هو. جنهن کان اصل ۾ خود مير به ناواقف هئا.

حيات خان انگريزن کي ٻڌايو ته هو ملازمتن وغيره جي سلسلي ۾ ملندڙ ڪجهه باقي رهيل پئسا ميرن کان وصول ڪرڻ لاءِ حيدرآباد وڃي رهيو هو.

جيئو وڃي ٿو ته هن واقعي کان پوءِ ليفٽر بلوچن سان جنگ

ڪرڻ جو فيصلو ڪيو. جڏهن وائسراءِ هند کان مليل واضح حڪمن جي تعميل لاءِ هو اڃا به ڪنهن بهاني جو محتاج هو!

۱۳ فيبروريءَ تي ميجر آئوٽرام، سر چارلس نيپئر ڏانهن هيءُ خط موڪليو جنهن ۾ لکيائين ته:-

ڪالهه درٻار ۾ اتان موٽندي ماڻهن جي جذبات جي مون جيڪا حالت ڏٺي آهي ان مان ظاهر آهي ته حڪمران ميرن جي بزدلانه اصولي ۾ اسانجي اڳيان پيش پوڻ واري روش تي عام بلوچ سخت لعنت ملامت وجهي رهيا آهن. جو هو حاڪم ميرن جي انهي روش کي ڌارين اڳيان پيش پوڻ جي برابر ٿا سمجهن. سنڌ ۾ منهنجي مقرر ٿي اچڻ کانپوءِ ٻهراڻ دفعو گذريل رات درٻار مان نڪرڻ تي مونکي ماڻهن جو غير معمولي انبوهه ڏسڻ ۾ آيو. اهي ماڻهو نعرا هڻي رهيا هئا جن ۾ انگريزن خلاف نفرت ۽ حقارت جي جذبن جو اظهار ڪيو پئي ويو.

جيتوڻيڪ درٻار ۽ قلع جون گهٽيون ماڻهن جي شاهي انبوهه سان سٿيون پيون هيون ان هوندي به ميرن جي عملدارن ڏاڍيون ڪوششون ڪيون جيئن عوام جي انگريزن خلاف جذبي جو ڪو به مظاهرو نه ٿي سگهي. ليڪن اسانجي شهر مان لڳندو پئي انهن عملدارن لاءِ ماڻهن جي جذبن تي ضابطو رکڻ ناممڪن ٿي پيو هو. اسان جيڪڏهن

مکيه بلوچ سردارن جي نگراني ۾ ميرن جي
گهوڙيسوارن جي ڀري هيٺ نه هجون ها ته
اسان کي خلاف تشدد جو استعمال ڪرڻو پوي ها.
رواجي طرح شهر جي حدن ختم ٿيڻ تي آئون ميرن
جي ماڻهن کي موٽائي ڇڏيندو هوس. هاڻي ته
حيدرآباد کان ٻاهر پهچڻ تي مون هنن کي موٽي
وڃڻ لاءِ چيو ته هنن موٽڻ کان انڪار ڪندي چيو
ته کين بلڪل واضح حڪم مليل آهن ته اسان کي
ريزيڊنسي تائين پهچائي اچن. جو حقيقت ۾
کي انديشو هو ته بلوچستان کا شرارت ڪري نه وجهن.
ڪالهه به اوهان جي فوجي چڙهائي جو ٻڌي
بي انداز بلوچ اچي حيدرآباد ۾ گڏ ٿيا هئا جن سڀني
کي ميرن واپس موٽائي ڇڏيو ته شام جو اهي
وري اچي موجود ٿيا هئا. منهنجي خواهش آهي
ته اوهان فوجي چڙهائي بند ڪري پنهنجي سر
هيٺانهن اچو" *

۽ انهيءَ ڏينهن (١٣ فيبروري تي) جنرل نيپئر
وٽان آئوٽرام کي هڪ اهم خط پهتو جنهن ۾ سر چارلس
کيس لکيو هو ته ٺاهه وغيره جون سموريون ڪوششون
يا اهڙا خيال بلڪل اجايا آهن جو ميرن خلاف سنڌس
فوجي چڙهائي جي تائيد ۾ خود وائسراءِ هند لارڊ ايلنبرو
جا احڪام پهچي چڪا آهن.

* سر وليم نيپئر جو "فتح سنڌ"

اهو خط ملڻ بعد ١٤ فيبروري کان وٺي آئوٽرام کي ٻه ميرن جا ”جنگي ارادا“ چٽيءَ طرح محسوس ٿيڻ لڳا.

١٥ فيبروري تي جنرل سر چارلس نيپئر ميجر آئوٽرام کي هڪ خط لکيو جنهن جو مطلب هو ته اوهين ميرن کي ڪي به وعدا نه ڏجو. حيدرآباد تي منهنجي ڪاهه جاري آهي. مان ميرن سان ڪو به ناتو نه ڪندس مان سندن فوج تي حملو ڪندس پوءِ الجوڪڙي ڪٿي به مون سان مقابلو ٿئي. جيڪڏهن حيدرآباد ڇڏي سگهو ته نڪري اچو ٻي حالت ۾ اتي رهو ۽ پنهنجي حفاظت ڪريو ٽي ڏينهن مان حيدرآباد ۾ اچي اوهان سان ملندس*

١٥ فيبروريءَ تي ريزيڊنسي تي حملو ٿيو ۽ آئوٽرام انهيءَ واقعي جي رپورٽ سر چارلس نيپئر کي لکڻ بعد پاڻ به ٻن دخاني جهازن ۾ سوار ٿي هالن وٽ وڃي ساڻس مليو.

بلوچن جي تياري نه هئي

واقعات جي رفتار وڌيڪ بيان ڪرڻ کان اڳ في الحال هتي ٻن خاص ڳالهين تي روشني وجهڻ ضروري آهي. پهرين ڳالهه آهي ته بلوچن جنگ لاءِ تياري ڪئي هئي ڇا؟ ان وقت جي ڪنهن به لکت مان اها ڳالهه ثابت ڪانه ٿي ٿئي ته بلوچن انگريزن سان جنگ ڪرڻ لاءِ ڪا تياري ڪئي هئي. حيدرآباد ۾ فقط اهي بلوچ سردار پنهنجي چند ماڻهن سان موجود هئا جي هميشه درٻارن

وغيره لاءِ ۽ اچي ايندا رهندا هئا خيرپور جي مير رستم خان سان آيل ڪجهه ماڻهو به ان وقت حيدرآباد ۾ هئا. انهن کان سواءِ حيدرآباد جي ٽڪر جا اهي بلوچ به آيل هئا واقعات جي نازڪ صورت حاليءَ جو احوال ٻڌي حالتن ڏسڻ لاءِ حيدرآباد آيل هئا.

حڪمران طبقي جي جنگ لاءِ ڪابه خواهش نه هئي انهيءَ ڪري هنن جنگي تياريءَ لاءِ بلوچ قوم جي ڪابه رهنمائي نه ڪئي.

ڪئپٽن پوسٽنس، اسسٽنٽ پوليٽيڪل ايجنٽ سنڌ ۽ بلوچستان پنهنجي تصنيف ”پرسنل آبزرويشن آن سنڌ“ ۾ لکي ٿو ته :-

„ انهيءَ وقت بلوچن ۾ غير معمولي جوش ۽ ناراضگي هئي. ميرن آئوٽرام کي منٿون ڪيون ته هو رستم خان سان انصاف ڪري جو دربار ۾ فقط ٿلهو وعدو ڪري ۽ چوي ته سر چارلس نيپئر پنهنجي چڙهائي بند ڪئي آهي ته بلوچن جو جوش ٻڌو روڪيو وڃي ۽ کين ٽڪو ڪري واپس موٽايو وڃي. ڇو جو عام بلوچ هو لڙن ڪجهه به ٻڌڻ لاءِ تيار نٿا ٿين ۽ جنگ جو مطالبو ڪري رهيا آهن.

„ ميرن کي جڏهن معلوم ٿيو ته جوش ۾ آيل بلوچن ١٢ تاريخ آئوٽرام کي دربار منجهان ٻاهر نڪرڻ تي سندس ساٿين سميت خون ڪرڻ جو

ارادو ڪيو آهي تڏهن هُن انهن کي آئوٽرام کي پنهنجي مکيہ درٻارين ۽ بلوچ سردارن جي ٻاهري همت ڌارائڻ لاءِ ڏانهن واپس موڪليو هو.

„ان ڪانپوءِ بہ ميرن پنهنجا خاص ماڻهو موڪلي ميجر آئوٽرام کي واقف ڪيو تہ، پاڻ ڪوڙو سچو وعدو ڏيئي بلوچن کي گڏ ڪري موٽائڻ جو موقعو ڏيو يا پنهنجي بچاءَ لاءِ اسانجي فوج جي مدد وٺو ڇو جو بلوچن ۾ تمام گهڻو جوش آهي".

پر آئوٽرام پنهنجي بچاءَ جي لاءِ ڪابہ مدد وٺڻ کان انڪار ڪيو. هو پاڻ خواهان هو تہ بلوچ مٿن ان حالت ۾ ڪو اڳرائيءَ وارو قدم کڻن، يا ڪنهن ٻئي خيال کان هُن ائين ڪيو، سو چئي نٿو سگهجي.

ساڳيو مصنف وڌيڪ لکي ٿو تہ:-

„ساڳئي ڏينهن وري بہ ڪن ميرن ۽ سندن مکيہ ماڻهن جا پيغام آيا تہ مهرباني ڪري ريزيڊنسي مان نڪري وڃو جو اوهان تي حملي ٿيڻ جون تياريون ٿي رهيون آهن ۽ ممڪن آهي تہ حملي جي صورت ۾ اسانکي بہ پنهنجي مٿان رکڻ لاءِ عام بلوچن سان گڏ رهڻو پوي"

پر آئوٽرام نہ معلوم ڪهڙين مصلحتن جي بنا تي وري بہ انهن التجائن ۽ گذارشن تي ڪوبہ توجهہ ڪونہ ڏنو ۽ هيڏي جوش ۽ هيڏي ساري دشمنانہ فضا جي باوجود حيدرآباد منجهہ رهڻ واري جو فيصلو ڪيو.

ساڳئي مصنف هن نقطي جي وڌيڪ وضاحت ڪندي لکيو آهي ته:-

"هر شخصي طرح انگريز امانتدن سان ڏاڍو چڱو هليا. پنهنجي مفاد کي خطري ۾ وجهي به هنن آئوٽرام جي زندگي بچائي ۽ هو سمورو وقت ور ور ڪري انگريزن کي هڏائي رهيا هئا ته پاڻ بلوچي انبوهه جي اڳيان بلڪل بي وس آهن، جيڪو انبوهه سمجهي رهيو هو ته سنڌ ۾ مقدس حق (آزادي جا) اورانگهيا ويا آهن.

حاڪمن جي دل ۾ جنگ جو ڪو به ارادو ڪونه هو، اهو ئي سبب هو جو سرچارلس نيپئر جي چڙهائي بدستور جاري رهڻ واري حالت ۾، بلوچن سان سنڌ ۾ ٽڪر ٿيڻ واري امڪان هوندي به، کين يقين هو ته متين انگريزن جو ڪو به ڏمر ڪونه ٿيندو ۽ ساڻن ڪا به غير معمولي زيادتي نه ڪئي ويندي. ڇو جو هو انگريزن جي ناجائز ترين مطالبن سان پريل نئين معاهدي تي به دستخط ڪري چڪا هئا! هنن کي اها خبر نه هئي ته انگريز گهڻو اڳ ئي سنڌ کي مڪمل طرح غلام بنائڻ جو فيصلو ڪري چڪا هئا.

الهي ڪري نه فقط حڪمران قلعي ۾ جنگ جي ڪا تياري نه ڪئي. جو ان وقت جي حالتن ۾ بچاءَ خواهه حملي جي جنگ لاءِ بهترين مرڪز هو، پر پنهنجي ديرن يا عيال کي به قلعي مان نه ڪڍيائون. جنهن قدم کڻڻ جو، خطري واري حالت اندر بلوچن ۾ عام دستور هوندو هو. خزانه

۽ قلعي مان نه ڪڍيا ويا. قلعي جي برجن تي توبون نه چاڙهيون ويون. خود خيرپور وارا مير جي خيرپور ۾ انگريزن جي ويجهو اچڻ جو ٻڌي فرار ٿي ويا هئا. انهن ۽ هاڻي حيدرآباد نه ڇڏيو. حالانڪ ٽروانگر سنڌ جي مغربي پهاڙن ۾ ۽ بلوچن جا ڪي مضبوط قلعا هوا پر انهن مان ڪنهن به فائدي وٺڻ جي ڪوشش نه ڪئي وئي.

حڪمران ميرن جي خاندان جا ڪيترا فرد ۽ قريبي عزيز خانگي ۽ سياسي تڪرارن سبب ڪاڻ ناراض ٿيل هئا انهن سان صلح ڪري هڪ محاذ قائم ڪرڻ جي ڪاب ڪوشش ڪانه ڪئي وئي. ۽ خود پنهنجي روه سوه حيدرآباد ۾ اچي گڏ ٿيل بلوچن کي به وروو ڪري منتشر ڪيو ٿئي ويو ۽ کين صاف جواب ڏنو ويو ته ”بلوچ حڪومت“ جنگ، اصل ۾ ٿي چاهي لڙهن ڪري گڏ ٿيل عام بلوچن کي حڪمرانن کان ڪنهن به مدد جي توقع نه ڪرڻ گهرجي.

صوبدار خان پنهنجي ماڻهن سميت ڪليو ڪلايو انگريزن جي پاسي ٿيو بيٺو هو. حاڪمن جي جيڪا ٿوري گهڻي گهوڙيسوار فوج هئي انجو سپهه سالار به سنڌن ڪيترن ٻين عملدارن وانگر انگريزن جو پڳهار دار هو.

١٥ فيبروري تي ڏسڻ ۾ اچي ٿو ته چند بلوچن جي هڪ جوش ۾ آيل گروهه وڃي شايد ريزيڊنسي تي حملو ڪيو جنهن ۾ هڪ سو انگريز سپاهي ۽ عملدار رهيل هئا. اهي ٽي ڪلاڪ بلوچن جي حملي جو مقابلو ڪرڻ بعد

جهازن ۾ چڙهي سر ليپٽر ڏانهن روانا ٿي ويا ۽ ميجر آئوٽرام هن واقعي بابت سر چارلس نيپئر ڏانهن مڪمل رپورٽ ۾ لکيو ته :-

”اسان تي بندوقن ڇوڙڻ سان ابتدا ڪئي وئي آهي اوهان کي اطلاع ڏيڻ منهنجو فرض آهي.“ بس ايترو ملي چڪو هو.

آئوٽرام پنهنجي رپورٽ ۾ لکيو آهي ته ريزيڊنسي تي حملو ڪندڙ بلوچن جو تعداد اٺ هزار هو ۽ وٽن توبون ڇهه هيون. انهن اٺن هزارن ماڻهن توبن سان هڪ جاءِ تي حملو ڪيو جنهن ۾ هڪ سو ماڻهو هئا، پر انهن هڪ سو ماڻهن مان فقط ٻه ڄڻا ماريا ۽ ڪي ڦٽيا! جي توبن جي سچ پچ گولا باري ٿئي ها ۽ اٺ هزار ماڻهو حملو ڪن ها ته نهايت سولائي سان نه رڳو انهن هڪ سو انگريزن جي ڪا بوٽي نه لڀي ها پر ريزيڊنسيءَ جي جاءِ تي شايد ڪنڊر به نظر ڪين اچي سگهن ها. ڇو جو ان عمارت جي ڪا سر به نه بچي جنهن تي اٺ هزار فوج توبن سان حملو ڪري!

ڪٿي قبول ڪجي ته ريزيڊنسيءَ جو واقعو سچ پچ ٿيو آهي ان هوندي به انهيءَ ۾ شڪ ڪو نهي ته حملي آورن يا انگريزن کي اشتعال ڏياريندڙن جو تعداد ڪنهن به حالت ۾ چند سون کان مٿي نه هو ۽ هنن وٽ ڪي به توبون نه هيون ڇو جو اهي وٽن هجن ها ته ضرور انهن کان ڪم ورتو وڃي ها. ميجر آئوٽرام پنهنجي رپورٽ ۾ به بلوچن

انهن جي گولن جهڙن جو ڪو به ذڪر ڪيو آهي نه وري ڪنهن به ٻئي مصنف ڪا اهڙي ڳالهه لکي آهي جنهن مان حملو ڪندڙن وقت انهن هٿن جي ڪابه ثابتي ملي سگهي.

ريزيڊنسي وقت ڪن بلوچن جي ڇيڙ ڇاڙ جو ٻڌي حاڪم ميرن بلوچن کي سخت تنبيهه ڪئي ۽ کين حيدرآباد ڇڏي منتشر ٿي وڃڻ جا حڪم ڏنا ته متان ڪاهه ڪندڙ جنرل شهر کي ڪو نقصان نه پهچائي.

جنهن تي ١٥ فيبروري جي شام جو عام ٽالپرن سميت سڀئي بلوچن رات تي مياڻي جي موزون هنڌ وٽ وڃي لهڻ جي مقابلي ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ۽ حڪمران ميرن کي پاڻ سان شامل ڪرڻ جي سڀئي ڪوشش پر ناڪامياب ٿيڻ بعد کين طعنه طور چوڙيون ڏياري موڪليون ته گهرن ۾ ويهي رهن. مياڻيءَ وقت وڙهي ڪم ايندڙ بلوچ سردارن ۾ جان محمد خان ٽالپر، غلام محمد خان لغاري، غلام علي خان نظاماڻي، غلام شاهه خان ٽالپر ۽ ٧، ٨ ٻيا بلوچ سردار هئا جن مجاهدن جا اسماء گرامي معلوم نه ٿي سگهيا آهن.

ڇو وڃي ٿو نه حيدرآباد ۽ ڪراچي کي هندو نه بلوچن سان گڏ مياڻيءَ جي ميدان ۾ موجود هئا پر افسوس آهي جوانن جي باري ۾ ڪي به تفصيل معلوم نه ٿي سگهيا آهن.

هڪ پاسي بلوچن جي اها حالت هئي ته ٻئي پاسي انگريز جنرل ڪنهن به حالت ۾ اهڙي ڪاهه گنجائش ڪرڻ لاءِ تيار نه هو جنهن مان مير حڪمرانن کي وڌيڪ وقت

رهي سگهڻ يا ٻاهر ڪري سگهڻ لاءِ ڪو رستو ماڻي سگهي الهيءَ ڪري هن ميرن کي چوائي موڪليو ته منهنجي حيدرآباد تي چڙهائي جاري آهي ۽ رهندي، ۽ ڪنهن به بلوچ طرفان مقابلو ٿيو ته ان لاءِ اوهين سڀ جوابدار ۽ ذميدار رهندا.

جيتوڻيڪ انگريزن کي به اها پڪ ئي خبر هئي ته بلوچ سردار يا عام بلوچ، ٽالپرن سميت مير حاڪمن جي سخت ضابطي يا پابندي هيٺ به نه هئا! اهڙي وسيع ۽ واضح اطلاع ملڻ ڪانپوءِ حاڪم ميرن فيصلو ڪيو ته مياڻي ۾ وڃي ڪنهن نه ڪنهن طرح بلوچن کي ٿڌي ڪرڻ جي ڪوشش ڪجي.

ڪن انگريز پرست تاريخ نويسن بنا ڪنهن حوالي ڏيڻ يا ثبوت پيش ڪرڻ جي ضرورت محسوس ڪندي ويهي گهڙيو آهي ته مير حڪمران تيار ٿي مياڻيءَ ۾ وڙهڻ لاءِ ويا هئا! حالانڪ اهي ڳالهه قبول ٿا ڪن ته هنن محسوس پئي ڪيو ته زور ۽ طاقت ۾ انگريز ڪانئن بلڪل گهڻو وڌيڪ آهن ۽ بنا تياريءَ جي مقابلو بلڪل بيسود هو. اهي نام نهاد تاريخ نويس حڪمرانن جي تياريءَ جو ڪو ڏيکاءُ به ڪنهن ثبوت سان پيش نٿا ڪري سگهن.

انجي برعڪس هن ڳالهه جون ئي انداز ثابتيون موجود آهن ته ميرن نه رڳو مقابلي جي ڪا تياري نه ڪئي پر پنهنجي سموري طاقت الهيءَ ۾ صرف پئي ڪئي ته ڪيئن به ڪري جنگجو ۽ مجاهد بلوچ عوام کي ٿڌو ڪيو وڃي.

انهن حالتن ۾ هيءَ ڳالهه بلڪل صاف ظاهر ٿي ٿئي ته حاڪمن جي مقابلي لاءِ تياري واري ڳالهه، محض انگريزن جي ڪميل قدمن کي جائز ٺهرائڻ لاءِ انگريزن ۽ انگريز پرستن طرفان ٺهي گهڙي ويئي آهي.

لڙندڙن جو انداز

ٻيو جاچ طلب اهم نقطو هي آهي ته ڌرين جي طرف کان لڙندڙن جو ڪيترو انداز هو؟

مرزا قليچ بيگ جي "تاريخ سنڌ" ۾ ڄاڻايل آهي ته ١٦ فيبروريءَ تي بلوچن کي خبر پيئي ته جنرل نيپئر پنجن هزارن ماڻهن جي فوج سان حيدرآباد ڏي ڪاهي رهيو آهي.

سر ايلر پنهنجي مٿي ذڪر ڪيل تصنيف ۾ جنرل نيپئر جي ڪاهه جو احوال پيش ڪندي جيڪي لکيو آهي ان جو مطلب آهي ته ڊسمبر ١٨٤٢ ۾ جڏهن سنڌ کي فتح ڪرڻ جو فيصلو ڪري سرچارلس نيپئر اول خيرپور ۽ پوءِ حيدرآباد تي ڪاهڻ جي رٿا ٺاهي ۽ هن درياءَ سنڌ پار ڪري ان جي اڀرندئين ڪناري تي ڇانوڻي هنئي تڏهن ساڻس ڏهه هزار لشڪر هو.

مياڻيءَ جي واقع کانپوءِ جڏهن بمبئي ٽائيمز جي ايڊيٽر ۽ ڪن ٻين مرڪزن طرفان انگريزي فوج جي اڳرائي ۽ سنڌين سان خراب ورتاءَ بابت لکت ڇپجڻ ٿي لڳي تڏهن انهيءَ جواب ۾ حيدرآباد مان فوج جي مکيه عملدارن ١٠ مئي ١٨٤٣ع تي پنهنجي صفائي ۾ جيڪو خط لکيو هوان تي

پنجويهون نمبر، ويهون نمبر، اٺون نمبر ۽ ڇهون نمبر رجمينٽن، توبخاني، سئپرس ۽ مائينرس، گهوڙيسوار فوج جي ٽئون نمبر، ٽئين نمبر ۽ ٻين دستن جي ڪل هڪ سو کن مکيه انگريز عملدارن جا دستخط ٿيل آهن.

مياڻيءَ جي جنگ ۾ خاص طرح سرخروئي حاصل ڪندڙ ۽ ٻاڪ ملهائيندڙ عملدارن ۾ هڪ ليفٽيننٽ ڪرنل، ١٣ ميجر ۽ ڪيترا ٻيا عملدار ڏيکاريل آهن.

ان طرح انگريزن جي پنهنجي ٺهش ڪيل حساب ۾ مري ويلن ۽ قتيل انگريزي عملدارن جي عهدن ۽ درجن مان ظاهر آهي ته جنرل نيپئر سان گهٽ ۾ گهٽ ٥ کان ٧ رجمينٽون هيون.

هڪ رجمينٽ جي رواجي طاقت هڪ هزار کان ساڍن ٽن هزارن ماڻهن تائين هوندي آهي. گهوڙيسوار دستي ۾ گهٽ پياده دستن ۾ وڌيڪ ماڻهو هوندا آهن.

جنرل نيپئر سان ٽي گهوڙيسوار رجمينٽون ۽ ٽي چار پياده فوج جون رجمينٽون گڏ ڏسڻ ۾ اچن ٿيون. ان طرح سنڌ ۾ ڪل فوجي طاقت گهٽ ۾ گهٽ ٨ کان ١٥ هزارن تائين هئي. جنهن مان ڪجهه ماڻهو رسد ۽ اسباب جي ٻهري لئي ڇڏي، هڪ حصو مخصوص رکي باقي فوج هن جنگ جي شروعات ۾ ٽي ميدان جنگ ۾ اچلائي وڌي هئي.

هوڏانهن ساري سنڌ جي بلوچن جي لشڪري طاقت جڏهن ٽنهي ڀاڱن جي حاڪم ميرن ۽ سوين بلوچ سردارن

انکي گڏ ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي هجي، اڳ لاڙڪاڻي ۾ گڏ هن ۽ ١٨ هزارن* ڪان مٿي ثابت ٿي نه سگهي آهي.

ڪلهوڙن خلاف هالاڻي واري جنگ ۾ مير فتح علي خان جي ڪمان هيٺ فقط ٦ هزار بلوچ گڏ ٿي سگهيا هئا. جيتوڻيڪ ائين آهي ته ان وقت ڪيترا بلوچ ڪلهوڙن سان به شامل هئا.

مياڻيءَ جي جنگ وقت ڪهڙي حالت هئي؟ خيرپور جي فوج ۽ ان علائقه جا عام بلوچ قبيلا خيرپور ۾ ئي رهيل هئا. اتان جي بلوچ سردارن کي علي مراد ڪانئن جاگيرن وغيره ڦري ونڃڻ جا ڏڙڪا ڏئي اڳي ئي پريشان رکيو هو. مير پور خاص جو شير محمد خان ۽ سندس ڪو به ماڻهو مياڻي نه پهچي سگهيو هو. خود حيدرآباد جي ميرن سان شامل بلوچي طاقت به پوري انداز ۾ گڏ نه ڪئي وئي هئي جو حاڪمن مقابلي لاءِ تيار نه هجڻ ڪري قوم کي گڏ ڪرڻ جي ڪا به ڪوشش ڪانه ورتي. خود ڪيترا سندن عزيز ۽ پاڙ جي ڪن سببن ڪري ساڻن ناراض هئا سي به نڪي پاڻ شامل ٿيا نه هنن جا ماڻهو. صوبدار خان ۽ مير محمدخان نڪي پاڻ شامل ٿيا نه سندن ماڻهو.

مياڻيءَ ۾ فقط اڳ حيدرآباد آيل ڪڇ ٿر جا مشتعل ٿيل بلوچ، حيدرآباد ڀرسان هندڙ بلوچ سردار (جي سڀ مقابلي ڪرڻ جي حق ۾ هئا) پنهنجي قوم جي چند چونڊ ماڻهن ۽ خدمتگارن سميت اچي گڏ ٿيا

* پناڻن خلاف بلوچن جي شڪارپور ڏي ڪاهه وقت

هئا. جن جو ڪل تعداد وڌ ۾ وڌ ٽن ۽ چئن هزارن جي وچ ۾ هو. ١٦ تاريخ جڏهن نصير خان ڪن ٻين مڙن سان حقيقت ۾ بلوچن کي ڀاڙ آڻڻ ۽ ظاهري طرح ساڻن شامل ٿيڻ جي ڀالي پنهنجي ڪجهه ماڻهن ۽ توبن سان مياڻيءَ ۾ پهتو تڏهن وڌ ۾ وڌ بلوچن جي انداز ۾ ٥٠٠ کان هڪ هزار وڌيڪ ماڻهن جو اضافو ٿيو هوندو.

اهو وڏي ۾ وڏو ڪوڙ آهي ته انگريزي فوج ڪل ٢٧ سو هئي ۽ بلوچ لشڪر ٢٢ هزارن کان به مٿي هو ۽ ايڏي لشڪر کي انگريزن "ڀڳڙن وانگر پٽي ڀڳو"

اهو وڏائي سر چارلس نيپئر ۽ سندس سالين فقط پنهنجي شهرت لاءِ ڪيو جو پوءِ انگريز پرست قصيده خوانن انهيءَ وهم هيبت هميشه لاءِ سنڌ جي تاريخ ۾ ٿي داخل ڪري ڇڏيو ته حاڪم جي بيان ۾ شڪ آڻڻ يا انهن کي عقل جي ڪسوٽي تي پرکڻ جي ڪوشش ڪرڻ غلامن لاءِ حرام آهي.

در پس آئینہ طوطی صفتم داشتہ اند
آنچہ استاد ازل گفت ہماں می گویم

انهيءَ ۾ ڪو شڪ ڪونهي ته انگريزن جي فتح ۾ سندن بهتر هٿيارن ۽ گولين وارين بندوقن جو وڏو حصو هو. بلوچي لشڪر ۾ گڏ ٿيل ماڻهن مان ڪيترن وٽ ته هٿيار اصل ڪونه هئا. جو انهن گڏ ٿيل ماڻهن ۾ وڏو انداز ذاتي خدمتگارن جو هو.

مياڻي جي جنگ کانپوءِ سرچارلس نيپئر جي قلم بابت

جنگ جي چمڪوارن ڏيون ڏين ۾ ڪيترن ئي نيڪ طبيعت رکندڙ انگريزن نه سر چارلس نيپئر تي سخت ٽڪا، ٽپڻي ڪئي ۽ چيو ته مياڻي وارو معاملو انهن ڏوجن جي جنگ نه پر هڪ باقاعدي ڪرهت يافته اعلى هٿيارن سان مسلح فوج جي هڪ بي هٿيار انبوهه سان جهڙپ هئي!

جنانچه مسٽر رچارڊ برٽن کي پنهنجي ڪتاب ,,سنڌ ري وزيٽڊ" ۾ ڪن انگريزن جي انهي ٽڪا ٽپڻي واري رخ تي اظهار افسوس ڪندي پنهنجي ڪتاب ۾ لکيو پيو ته :-

”سر چارلس نيپئر جي فتح جي اهميت گهٽائڻ جون گهڻيئي ڪوششون ڪيون ويون آهن. انهن برابر آهي ته جنرل جنگ جي دعوائون ڪيون آهن ته جي ميدان مياڻي ۾ موجود ڪن ٻين ماڻهن کان تصديق ٿي سگهي آهي. ڪي ته وري انهن چون ٿا ته ميرن کي وڙهڻ لاءِ مجبور ڪيو ويو هو جي اسانجي رشوت بازي سبب ڪمزور ٿيل هئا ۽ پنهنجي گهرو ڪشمڪش سبب پنهن جي گڏيل دشمن (انگريز) کان به وڌيڪ هڪ ٻئي کان متنفر ۽ هڪ ٻئي جا مخالف هئا. ان طرح دشمن (بلوچن) جي اهميت هڪ شاهي انبوه کان مٿي نه هئي. سنڌس پياده فوج وٽ هٿيار به پورا نه هئا سندس گهوڙيسوار فوج اهڙن سوارن تي مشتمل هئي جن ۾ ڪو به ضابطو نه هو ۽ جي

جنگي فن کان بلڪل ناواقف هئا. ڪن ٿورن وٽ چڱا گهوڙا هئا ورنه اڪثر يس گڏهن جهڙن ٽٽوئن تي سوار هئا ۽ انهنجو به سپه سالار وڏي مخفي طرح اسانجي پڳهار ۾ هو"

اڳتي هلي ساڳئي مصنف ٽنڊي فضل جي مير ابراهيم خان ٽالپر سان پنهنجي ملاقات جو احوال شايع ڪيو آهي جنهن ۾ ابراهيم خان کيس مياڻيءَ جي جنگ بابت ٻڌائي ٿو ته:-

"اسين اوهان سان وڙهڻ ائين لڳا هئاسون جڻ هرڻن جو شڪار هو. گڏ ٿيل بلوچي انبوه ۾ ڪن وٽ تلوارون ۽ منهن سان ٻرڻ واريون بندوقون هيون ته ڪن وٽ ڀالا يا لٺيون هيون."

نصير خان جو خط

وائي آن دريا ڪه موجش ڪم تپيد
گوهر خود را زغواصان خريد

هيءَ مير نصير خان جي انهيءَ خط جا ڪجهه حصا ڏيڻ ٻيجاءِ نه ٿيندا جو هن ٢٢ ڊسمبر ١٨٤٣ تي ساسور (پونا) مان نظربندي جي وقت انگريزي اختياري وارن ڏانهن لکيو هو. اهو خط مياڻي ڪاناڳه جي واقعات تي اهم روشني ٿو وجهي. هيءُ خط مرزا قليچ بيگ جي "تاريخ سنڌ" انگريزي ڇاپي ۾ شايع ٿي چڪو آهي.

خط ۾ مير صاحب انگريزن ڏانهن پنهنجي دوستي ۽ نيڪ نيتي واري رخ جو ذڪر ڪرڻ بعد لکي ٿو ته:-

افغانن سان جنگ وقت حيدرآباد ۾ ريزيڊنسي قائم ڪرڻ ۽ سنڌ مان فوجن لنگهائڻ جي اوهان کي اجازت ڏني. اسان پنهنجن بلوچن ۽ خود افغانستان جي دشمني ورتي. اسان سمورا خيال ڇڏي اوهانجي دوستيءَ کي مقدم ڪيو. مون ۽ نور محمد خان اوهانجي لنگهندڙ فوجن لاءِ اٺن ۽ ٻيڙين وغيره موجود ڪري ڏيڻ جي هر ڪا ڪوشش ڪئي. اسان بلوچن لاءِ عام اعلان ڪيو ته جيڪو اوهان کي لٽيندو يا ٻي طرح تنگ ڪندو انتي اسان ناراض ٿينداسون ۽ ان کي سخت سزا

ڏيندا سون. هن حڪم جي ٻُڌاري نه ڪئي
وئي. ٻيو سر جان ڪين پنهنجي فوج کي جهرڪن
۾ آڻڻ بعد، فوج جي خرچ لاءِ ٢١ لک روپيه نقد
طلب ڪيا. جو بلڪل ناجائز هو. جي اوهان
چوندا ته اها رقم شاهه شجاع جي مدد لاءِ گهري
وئي هئي ته مان اوهان کي ٻڌائيندس ته شاهه
شجاع اسانکي قرآن شريف تي لکي ڏنو هو ته هو
ڪو به اهڙو قدم نه کڻندو جو اسانجي يا اسانجي
ملڪ جي مفاد جي خلاف هجي. سر جان ڪين
جي فوجن جي افغانستان ڏانهن روانگي بعد اوهان
جي نمائندي ڪرنل پاٽنجر ١٢ نقطن وارو هڪ ٻيو
معاهدو دستخطن ڪرڻ لاءِ اسانجي اڳيان پيش
ڪيو. جو هن جو چوڻ هو ته سد سڪندري وانگر
دائمي ٿيندو. خدا جو شڪر آهي ته مون هڪڙي به
معاهدي جي خلاف ورزي نه ڪئي آهي جنهن
لاءِ رڪارڊ شاهد آهن. ٿورو وقت پوءِ ورهي
١٨٤٢ع ۾ اوهان جي طرفان اچي نه ٽيو معاهدو قبول
ڪرڻ لاءِ اسانکي چيو ويو جنهن موجب مونکان
پنهنجي ملڪ جي ڪجهه حصي تان دستبردار ٿيڻ
جي طلب ڪئي وئي هئي. مون انتي پنهنجا
وڪيل آخوند بچل ۽ سيد سعد علي شاهه جنرل
نيپئر وٽ سکر ڏياري موڪليا. سندن روانگي
کان پوءِ مونکي جنرل نيپئر جو ڪاوڙ ڀريو خط پهتو

جنهن ۾ مون غلام علي خان لغاريءَ، خسرو
بيگ ۽ يوسف خدمتگار کي اوٺهري ۾ جنرل
نيپئر سان ملڻ لاءِ ڏياري موڪليو. جن کي جنرل
نيپئر ٻڌايو ته اوهين رڳو معاهدي تي حيدرآباد ۾
مهرون هڻندئون ته الديون ۽ اسان، رستم خان کي به
حيدرآباد ۾ سڏايون، جنهن جو ميجر آئوٽرام اتي فيصلو
ڪندو. مون ٨ فيبروري تي خسرو بيگ ۽ محمد
خان کي مهرون ڏئي آئوٽرام ڏانهن روانو ڪيو ته
وڃي اهين عهدنامه قبولڻ جي قبوليت تي مهرون
هڻي اچن. مان آئوٽرام کي چوائي موڪليو ته هو
جنرل نيپئر کي ٻڌائي ته مان ڪهڙو نه جلد ۽ بلڪل
ٺيڪ ٺيڪ سان معاهدي قبولڻ لاءِ تيار ٿيو آهيان،
جنهن ڪري سنڌس چڙهائي جو ضرور ڪونهي.
٩ تاريخ صبح جو آئوٽرام، جنرل نيپئر ڏانهن انهيءَ
مطلب لاءِ ماڻهو به موڪليا، پر هنن موٽي اچي ٻڌايو
ته جنرل نيپئر پنهنجي ڪاهه ملتوي ڪرڻ لاءِ
تيار نه آهي. ١٢ تاريخ ميجر آئوٽرام معاهدي جو
مسودو وٺي آيو ۽ چيائين ته ان تي اسان سڀني
خيرپور وارن ميرن سميت، پاڻ پنهنجي سر مهرون
هڻون ته پوءِ هو جنرل کي خط لکندو. جا ڳالهه نه
منظور ڪئي وئي. بلوچن اها خبر ٻڌي، ميجر آئوٽرام
جي دربار مان اکرڻ تي، مٿس حملو ڪرڻ جو
فيصلو ڪيو. ميجر آئوٽرام جي زندگي مون کي

پنهنجي زندگي جهڙاي پياري هئي انهيءَ ڪري
مون ١٠- ١٢ قابل اعتماد سردارساڻ ڪري ڏنس ته
وڃي ڪيس زبردستي ۾ پهچائي اچن. هنن واپس
موٽڻ تي مونکي ٻڌايو ته رستي ۾ ان ٽن هنڌن تي
بلوچن جون ٽوليون ڏٺن ويٺل ڏٺيون جي شرارت
لاءِ تيار نظر ٿي آيون. مان هڪدم منشي ماڌاجيءَ
کي ميجر آئوٽرام ڏي موڪليو ته وڃي ڪيس خطري
کان آگاهه ڪري اچي. ١٣ تاريخ مان بلوچن کي
زور بار آندا ۽ ڪين ته مڪايو ته هو ڪابه شرارت نه
ڪن جو عهدنامون ٿي چڪو هو ۽ انگريزي فوج
جي چڙهائي هاڻي روڪي ويندي. ۾ ١٤ فيبروريءَ
تي اطلاع مليو ته جنرل نيپئر جي فوجي ڪاهه
بدستور جاري آهي. انهيءَ اطلاع ملڻ تي بلوچن
حيدرآباد ڇڏي ٦ ميل پريان مياڻيءَ جي ٻوٽ
وٽ قليليءَ جي اوڙ ٿين پاسي وڃي خيمه هنيا.
هنن طرفان مونتي به زور آندا ويا ته آئون ساڻن مقابلي
۾ شريڪ ٿيان. مون ڪين ٻڌايو ته اسين انگريزن سان
نئين عهدنامي تي صحيحون ڪري چڪا آهيون.
هاڻي ڪيئن هلي سنڌ ن خلاف جنگ ۾ شامل
ٿيون؟ ۾ جنرل نيپئر اعلان ڪيو ته ڪوبه بلوچ
سنڌس مقابلو ڪندو ته هو ان لاءِ اسانکي ذميدار
قرار ڏيندو. مون ڏٺو ته بلوچ هر صورت نيپئر
جو مقابلو ڪندا ۽ هر حالت ۾ مون تي ذمه داري

پوندي. ان ڪري بهتر صورت اها آهي ته
مان پاڻ بلوچن جي ڪئمپ ۾ وڃي اچا ۽ ڪين
سندن ارادن کان باز آڻڻ جي ڪوشش ڪريان،
جو انگريزن خلاف جنگ، بي معنيٰ هئي. مان
بلوچن تي سخت ناراض هوس ۽ خيال ڪيم ته
منهنجي وٽن موجودگي سندن جوش گهٽ
ڪرڻ لاءِ مفيد ٿيندي ۽ شايد کين جنرل جي
مقابلي ڪرڻ کان روڪي به سگهان. انهيءَ ڪري
بلوچن وٽ ويس (شايد ١٦ فيبروري ١٨٤٣ تي).
هڪڙو ڏينهن ۽ رات کين سمجهائيندو رهيس
ليت هو پنهنجي ضد کان باز آيا ۽ مون ٻئي ڏينهن
صبح جو سوير (١٧ فيبروري) جنرل کي ماڻهن
موڪلڻ جو فيصلو ڪيو ته کيس وڃي چون ته هو
وڙهي نه ۽ دوستاڻي نموني رستم خان جي
”رئيسي“ وارو معاملو طيءِ ڪري. ٻئي
ڏينهن صبح ٿيڻ شرط سوير ئي اطلاع پهتو ته
جنرل پنهنجي فوجن سميت بلڪل قريب پهچي
چڪو آهي ۽ انگريزي فوجن پهچندي ئي
بلوچي ڪئمپ تي توبن سان گولا باري شروع
ڪري ڏني. مان مٿي قلعي جي ڪناري تي
چڙهان ئي چڙهان ان کان اڳ ئي عام دوبدو
جنگ، شروع ٿي وئي. مان شخصي طرح ڪوشش
ڪري ان وقت به بلوچن کي انهن انگريز عملدارن

تي حملي ڪرڻ کان روڪيو، جي شروعات ۾ شايد بلوچن
جي فوجي ٻوڙائڻ ۽ انهيءَ کي ڇڪاسڻ ۽ انهن مان
ڪڍڻ لاءِ ڪئي ٿي بلوچن جي ٻاڪل "ٽيب آيا
هئا*. جنگ جي ختمي تي مان حيدرآباد
موٽيس ۽ ٻئي ڏينهن صبح جو پاڻهي جنرل وٽ
ويس. مونکي اميد هئي ته هو مونتي خوش ٿيندو.
مان پنهنجي عيال يا خزانن کي به حيدرآباد مان
ڪڍڻ جي ڪوشش نه ڪئي، جو مونکي پنهنجي
وفاداريءَ جي قدر ٿيڻ جو يقين هو. مان شروع
۾ رستم خان جي حيدرآباد ۾ اچڻ جي به برخلاف
هوس ۽ جنرل نيپئر جي خواهش تي ئي کيس
حيدرآباد اچڻ جي دعوت ڏني وئي هئي.”

مير صاحب پنهنجي خط ۾ وڌيڪ، قلعي جي وحشتناڪ
لٽوائي ڦرلٽ جو ذڪر ڪيو آهي ۽ پڇاڙيءَ ۾ ٻڌايو آهي
ته شير محمد خان سان انگريزن جي دبي واري جنگ،

---

* هن واقعي جو ڪئپٽن جان جيڪب ٢٣ فيبروري ١٨٤٣
تي پنهنجي ڀيڻ ڏانهن لکيل خط ۾ ذڪر ڪندي ڄاڻايو
آهي ته هو جڏهن بلوچي فوج جي ڪمڪ ڪرڻ ۽ ٻوڙ ڀڃڻ
ڇڪاسڻ لاءِ پنهنجي گهوڙيسوار دستي سان ڳڻ ٽول بلوچن
کان ٻن سون وارن ٽڪرن آيو تڏهن بلوچ ماڻس حملي ڪرڻ
لاءِ تيار ٿيا ۽ نصير خان کين الوداع امن ۾ انهن ڪرڻ کان
روڪيو ته من اڳيان سلوڪ ۽ ساري جون ڳالهيون پوريون
ٿي سگهن!

وقت ڪيئن پاڻ نظر بندي مان به ڪوشش ڪيائين ته بلوچ شير محمد خان سان شامل ٿي انگريزن خلاف جنگ ۾ حصو نه وٺن.

مير صاحب جي خط ۾ ريزيڊنسي واري واقعي جو ڪو به ذڪر ڪونهي نه وري مياڻيءَ بابت بلوچن طوفان بيان ڏ بعد ڙ ڪنهن به احوال ۾ انهو ڪو ذڪر آهي اهو فقط انگريزن جو بيان ڪيل قصو آهي جنهنجي تائيد ۾ سنڌ فتح ڪرڻ بعد انگريزن ڪن محڪومن کان به اظهار ورتا. جن کان هو ڪنهن به قسم جا بيان حاصل ڪري ٿي سگهيا.

هيءَ ڳالهه به اهميت واري آهي ته نصير خان جي خط ۾ بلوچن جي حيدرآباد ڇڏي مياڻيءَ ڏي وڃڻ جي تاريخ ١٤ فيبروري ڏيکاريل آهي. پر انگريزن جي چوڻ موجب ريزيڊنسي وارو واقعو ١٥ فيبروري تي ٿيو جنهن تاريخ تي بلوچ حيدرآباد ۾ موجود ئي ڪين هئا!

١٧ فيبروري

آن زمينے کہ بروگريۂ خونين زده ام
اشک من در جگرش لعل گراں خواهد بود

١٧ فيبروريءَ جو ڏينهن بلوچي تاريخ ۾ يوم ماتم طور هميشه يادگار رهندو. ان ڏينهن تي دشمن سان هڪ ئي چڪريءَ ۾ ٻن ڪلاڪن اندر سنڌ جي ويهارو ڪن بلوچ سردارن ۽ هزارين عام بلوچن ۽ غير بلوچ باشندن هندن ۽ مسلمانن پنهنجي آزاديءَ جي مقدس حق ۽ پنهنجي وطن جي حفاظت لاءِ وڙهندي جام شهادت پيتو هو.

انهيءَ ڏينهن تي دشمن جي زور ۽ طاقت ڪري نه پر پنهنجي نااتفاقي ۽ پنهنجي حاڪم رهنمائن جي ڪمزوري سبب * سنڌ جا بلوچ نه رڳو حڪومت ۽ اقتدار وڃائي ويٺا پر ڌارين غلاميءَ جي خطرناڪ اوڙاهه ۾ وڃي ڪريا.

---

* مشهور انگريز اهل قلم مسٽر ايچ. ٽي لئمبرڪ جنهن سنڌ جي تاريخ بابت پنهنجي نموني ۾ تحقيقات ڪرڻ جي چڱي ڪوشش ڪئي آهي تنهن جو چوڻ آهي ته هيءَ حقيقت هر ڪنهن کي تسليم ڪرڻي ٿي پوي ته جيڪڏهن بلوچن ۾ انتظام ۽ ضابطو هجي ها ۽ سندن رهنمائي ڪجهه بهتر ۽ اثرائتي نموني ۾ ٿئي ها ته جنگ

اهو ڏينهن يادگار رهندو ته انهن مردان حريت جي
شهادت لاءِ جن انهي نااتفاقي ۽ حاڪم رهنمائن جي
ڪمزوري ۽ بيوفائي جي باوجود ڌارين جي غلامي کان
موت کي بهتر سمجهي، تلوارن، مچهن سان ٻرڻ وارين
بندوقن، ڀالن ۽ بعضي ته محض ساده لٺين سان، سنگين،
گولين وسائيندڙ بندوقن ۽ توبن جي اڳيان پنهنجا سينا
سپر ڪرڻ جو عزم ڪيو، ۽ هو "انين وڙهيا جيئن ڪو
ماڻهو پنهنجي اهڙي شيءِ لاءِ وڙهندو آهي جا ڪيس
زندگيءَ کان بدرجها وڌيڪ عزيز هجي *".

آزادي يقينا زندگيءَ کان وڌيڪ عزيز شيءِ هئي.

١٧ فيبروري محرم الحرام جي ١٧ تاريخ هئي ۽ جمع
جو ڏينهن هو! بلوچي خون سان ڦليليءَ جي سڪل پيٽ

جون حالتون ٻيءَ طرح هجن ها. هو لڳي ٿو ته جنگ
شروع ٿيڻ کان پوءِ بلوچي حملن ۾ اهڙو ته زور هو جو
جنرل نيپئر اول ٽي چار دفعا ڪوششون ڪيون ته سندس
فوج فقط بچاءَ جي ڪوشش ڇڏي جوابي حملو ڪري پر
سندس سپاهين کي همت ئي ڪا نه ٿي. نيٺ بلوچن جو
ڪمانڊر جان محمد خان خاناڻي ٽالپر (ٽنڊي جام جو)
شهيد ٿي ويو ۽ ان کان پوءِ غلام شاهه خان شاهواڻي ٽالپر
ڪمان ورتي جو پڻ ٿوري وقت شهيد ٿي ويو جنهن کان پوءِ
بلوچن ۾ ڪجهه ڪمزوري جا آثار پيدا ٿيا.

---

* ڪئپٽن پوسٽنس جي "پرسنل آبزرويشنس آن سنڌ"

۽ معاملي جي اڄابل زمين کي الهيءَ لاءِ سيراب ڪيو ويو جنهن ماضيءَ جي تاريخ لکندڙن کي اهڙين چوڻ جو وجهه نه مليو ته بلوچن پنهنجي حاڪم اڳوڻن جي ڪمزوري ۽ اندروني نفاق سبب بنا مقابلي غلاميءَ جو ڳٽ پنهنجي ڳچيءَ ۾ وڌو.*

هيئنڪي جنگ جي لڙهڻ جي اڳ ئي خبر هئي ڇو جو انگريزي فوج وڏي منظم، وڏي تعداد ۾ ۽ وڏي بهتر هٿيارن سان مسلح هئي. پر غلاميءَ جي پڌرت ۾ هئڻ...

* هيءَ ڳالهه ياد رکڻ جي قابل آهي ته سنڌ ۾ بلوچن جي آخري جنگين هارائي ڇڏڻ بعد سر نيپئر اعلان ڪيو ته جيڪي به بلوچ سردار يا ٻيا اڳوڻي دور حڪومت جا جاگيردار سندس سلام لئي ايندا (انهن حڪومت کي تسليم ڪندا) تن کي سندن سموريون جاگيرون ۽ ملڪيتون وغيره ورائي واپس ڏنيون انهن کي سرڪاري طرح تسليم ڪيو ويندو. پر ڪيترن ئي ميدان جنگ تان هار کائي واپس موٽيل سردارن ۽ مکيه ماڻهن انگريز جي سلام لئي وڃڻ کان جاگيرون ۽ سموري غير متحرڪ ملڪيت وڃائي ڇڏڻ بهتر سمجهيو پر پنهنجي غلام ڪندڙ وٽ ڪنڌ هيٺ نه ويا. ڪي بزرگ ته انگريزي راڄ جي قائم ٿيڻ بعد آخري دم تائين ٻاهرئين نه نڪتا ۽ سمورو پويون وقت ياد خدا ۾ صرف ڪري ڇڏيائون!

چناں بزی کہ اگر مرگ ماست مرگ دوام
خدا ز کردهٔ خود شرمسار تر گردد (اقبال)

مرس ڪي لڙ جنگ ڪئي ! *

مياڻيءَ جي انهي ميدان ۾ ڪيترا انهن قبيلن جا مجاهد ۽ بلوچن سان ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي انگريزن خلاف وڙهيا جن پنهنجي قسمتن کي بلوچ قوم جي قسمتن سان وابسته ٿي سمجهيو؛ جي اڄ افسوس آهي ته پاڻ کي غير بلوچ ۽ بلوچن کان ڌار ٿا سمجهن حالانڪ انهن جو ۽ بلوچ قوم جو مياڻيءَ جي ميدان ۾ گڏ خون وهائڻ ڪانپوءِ رت جو رشتو ٿي چڪو آهي.

جنرل نيپئر جي فوج جنهن ۾ افغانستان کان موٽندڙ بمبئي واري فوج ۽ بنگالي فوج جا دستا شامل هئا سا صبح جو ساڍي نوين بجي مهل قليليءَ وٽ انهي هنڌ تي پهتي جتي اڪيو ر آهي ۽ هتي قليلي ڏوري پنڌ لاءِ الر کان ڏکڻ عوض ڪي قدر الهندي کان اڀرادي وهتي. قليليءَ جي ڏکڻ ۾ بلوچي ڪئمپ هئي ۽ قليلي جي ٿري ۾ به بلوچي دستا مقيم هئا. سڌن ڪاهي پاڻهينءَ تي قليليءَ

---

* ميجر ونڊ ڪٽن جو پنهنجي سر جنگ ۾ شريڪ هو انهيءَ جو چوڻ آهي ته جنگ نهايت چٽي هئي ۽ وڙهندڙ بلوچن ڪڏهن به پاڻ کي بچائڻ جي ڪوشش نه ڪئي جنهن ڪري شهيد ٿي ويلن جي ڀيٽ ۾ قيدين جو تعداد گهٽو گهٽ هو. ڪيترن ٻين انگريزن به ساڳي ڳالهه جي تصديق ڪئي آهي. اهو ئي سبب آهي جو هن جنگ ۾ انگريز ڪڏهن به بلوچ جهڙو ويڙهو جنگي قيدي نه بڻائي سگهيا هئا !

جي پرينءَ پر شڪارگاهه جو ٻيلو هو (جو اڃا تائين ساڳئي
هنڌ موجود آهي ۽ "ٻيلو ڪانڊيءَ" طور مشهور آهي.)
ساڄي پاسي هتان ٿلهليءَ مان نڪرندڙ ڪمال واهه جي
پر ٽورو وٽيرو هڪ ڳوٺ هو (جنهن کي ان وقت سلطان
شاهه جو ڳوٺ چيو ويو ٿي ۽ هاڻي "ڪانڊي" سڏبو
ويندو).

جنرل نيپيئر مياڻيءَ جي ٻاڪل وڃهو پهچي ڪئپٽن
جان جيڪب کي حڪم ڏنو ته پنهنجي گهوڙيسوار دستي
سان وڃي گڏيل بلوچن جي پوزيشن ۽ ٻڪ وغيره
جي ٺيڪ ٺيڪ چڪاس ڪري اچي* ۽ جيڪب جي
موٽڻ تي انگريزن ساڄي پاسي توپون نصب ڪري گولاباري

* جيڪب ٢٣ فيبروري تي پنهنجي ماءُ ڏانهن
جيڪو خط لکيو آهي ان ۾ ڄاڻايو اٿس ته منهنجو اندازو
آهي ته مياڻيءَ جي ميدان ۾ ڪل ١١ هزار بلوچ ۽ سنڌ جا
پيا باشندا اچي گڏ ٿيا هئا جن ۾ اٺ هزار پيادا ۽ ٽي هزار
گهوڙن تي سوار هئا.

مسٽر لئمبرڪ جنهن هن مسئلي تي ڪافي تاريخي
تحقيقات ڪئي آهي اهو چوڻ آهي (سنڌ هسٽاريڪل
سوسائٽي جرنل نمبر ٣ جلد ٤) ته جڏهن جيڪب پنهنجي
گهوڙيسوارن سان بلوچن کان ٢٠٠ وارن تي پهتو تڏهن
بلوچ هڪدم هُنن حملي لاءِ وڌيا پر مير نصير خان کين
حملي ڪرڻ کان روڪيو جو ڪنهن اڃا به اميد هئي ته من
ڪو ٺاهه ٿي سگهي.

شروع ڪرڻ جا حڪم ڏنائين جنهن کانپوءِ هڪدم جنگ شروع ٿي وئي.

مياڻي واري واقعي جي ٻئي ڏينهن ١٨ فيبروريءَ تي جنرل نيپيئر لارڊ ايلن برو ڏانهن هن چڪريءَ بابت جيڪا رپورٽ موڪلي هئي، ان ۾ هن لکيو آهي ته:—
ٽوپون نسب ڪرڻ کانپوءِ اسان ڄاڻي ٻجهي پنهنجا ٿورا ماڻهو بلوچن تي حملي ڪرڻ لاءِ موڪليا جيئن هو پنهنجي سموري طاقت ٻاهر ڪڍي ظاهر ڪن ته پوءِ مٿن فوجن سان حملو ڪيو وڃي. اسان دشمن جي کاٻي پاسي کان حملو ڪيو جيئن پاسي واري ڳوٺ مان اسان تي ٽوبزني نه ٿي سگهي. مان نائون نمبر بنگالي گهوڙيسوار فوج کي کاٻي پاسي مخصوص فوج طور رکڻ جو فيصلو ڪيو ۽ پونا گهوڙيسوار دستي کي پيادهه فوج جي ڇهن ڪمپنين* سان فوجي سامان تي پهري لاءِ ڇڏيم. ٽوبخاني، پنجويهون نمبر ٻاويهون نمبر، ٻارهون نمبر ۽ چوٿون نمبر رجمينٽن ۽ هٿ جي گولن اڇلائيندڙ دستي سان حملو شروع ڪيو ويو. (هيءَ رپورٽ نيپيئر جي ڀاءُ سر وليم نيپيئر جي ڪتاب ”فتح سنڌ“ تان ورتل آهي)

هن خط ۾ اڳتي هلي جنرل نيپيئر لکيو آهي ته،
”دشمن اسان کان هزار وال جي مفاصلي تي هو ۽

---

* هڪ پيادهه ڪمپني معمولي اٽڪل اڍائي سو کن ماڻهو. گهوڙيسوارن جي جٿن ۽ رجمينٽ هجي ته انجو تعداد هڪ هزار کان اڍائي هزارن تائين ٿي سگهندو.

يڪدم اسانتي وڌيو. ڪناري کان ١٠٠ والن جي
مفاصلي تان اسانجي بندوقبازن گوليون وسائڻ
شروع ڪيون چند منٽن اندر ڪناري تي عام
چڪري شروع ٿي ويئي جنهن ۾ وڙهندڙن ٽي
چار ڪلاڪ سخت جدوجهد ڪئي".*

سر چارلس نيپئرجي ڀاءُ ۽ سنڌس ڪمن جي وڏي ۾ وڏي ثنا خوان سر وليم نيپئر پنهنجي تصنيف "فتح سنڌ" ۾ جنگ بابت لکيو آهي ته:-

"جنگ تمام چٽي هئي ۽ ٽن والن جي فاصلي تان ۽ بعضي ته هٿون هٿ سخت چڪريون لڳيون جن ۾ سنگين ۽ تلوار جو سخت مقابلو ٿيو. ڪيترن ئي وقتن تي بلوچن جي سخت مقابلي ڪري سارين رجيمنٽن کي پنهنجا پير ڪوڙي نه سگهڻ ڪري پٺتي هٽڻو ٿي پيو. بلوچن جو مقابلو ڪهڙو نه سخت هو انجو اندازو هن هڪ واقعي مان ڪري سگهجيٿو:-

* ميجر وڊلگٽن جو ٻاڻ مياڻيءَ جي جنگ ۾ شريڪ هو انجو چوڻ آهي ته دوبدو سخت چڪري ١١ کان ڏيڍ ٻجي تائين يعني فقط اڍائي ڪلاڪ هلي (آرمي رڪارڊس) سر هنٽرڪ ڪنٽبل مصنف "هسٽري آو ٻامبي آرمي" ان ساڳئي خيال جي تائيد ڪئي آهي ۽ ڄاڻايو آهي ته جنگ جو خاص زور ١٢ کان ١ ٻجي منجهند جي وچ ۾ هو.

ٻاويھين نمبر (آئرش) گوري ريجمينٽ جي هڪڙي سپاهيءَ هڪ بلوچ جي سيني ۾ پنهنجي سنگين لنگهائي وڌي ته اهو بلوچ زمين تي ڪرڻ عوض پنهنجي ڍال کي ڦٽو ڪري دشمن جي سنگين کي ڪاٻي هٿ ۾ جهلي ٻت کي اڳيرو ڌڪي ساڄي هٿ سان تلوار جو اهڙو وار ٿو ڪري جو مٿس حملو ڪندڙ سپاهي ۽ پاڻ، ٻئي ساڳي جاءِ تي مرن ٿا! بلوچ تلوار جي هڪئي ڌڪ سان ڪم پورو ڪندا آهن ۽ بلڪل ورلي هنن کي ٻئي ڌڪ هڻڻ جي ضرورت ٿي پوي."

جنرل سر چارلس نيپيئر پنهنجي مٿي ڄاڻايل رپورٽ ۾ وڌيڪ لکيو آهي ته:-

هن جدوجهد ۾ تلوار ڍال ۽ مٿين سان پوري واري بندوق تي گولين واري بندوق ۽ سنگين کي جيڪا فوقيت آهي اها اسان کي ڪم آئي. بهادر بلوچ پنهنجي مٿين سان پوري وارين بندوقن ۽ پستولن کي ڦٽو ڪري تلوارون ڪڍي ڪناري تي وڌيا. اسان جي گولين وارين بندوقن ۽ سنگين سان مٿان ڪناري تي پيدل لشڪر، جيتوڻيڪ کين وڏي تعداد ۾ پوئتي ڪرائي رهيو هو، انهي باوجود هڪ وقت ان مهل اهڙي ڏٺي لڳو ته بلوچن جي غير معمولي شخصي شجاعت ۽ سندن وڏو تعداد اسان جي فوجن تي غالب پئجي رهيو.

آهي."

سر نيپئر جي پنهنجي لفظن ۾ ”وقت وڃائڻ جو نه هو“ ۽ هن هڪدم گهوڙيسوار فوج (شايد مخصوص رڪيل) کي بلوچن جي ساڄي پاسي کان ڪاهيندو قليلي پار ڪري پوين ۾ حملي وجهڻ جو حڪم ڏنو.*

مٿين واقعي جو ذڪر ڪندي مياڻيءَ کان چند سال پوءِ ڏبه فضل جي مير ابراهيم خان ٽالپر سر رچرڊ برٽن کي چيو هو ته:-

”ڪڏهن مهل اسان ڏٺو ته انگريز گهوڙيسوار اترئين ڪپ تي ۽ ٽري ۾ مقابلي کي ڇڏي ڏکڻي ڪناري تان قليلي پار ڪندا پيا وڃن. اسانجا ماڻهو پڇڻ لڳا ته ”الله هي ڪٿا پڄن ٿا ڇا؟“ شاهي توبون پنهنجي دهانن مان آتش وسائي رهيون هيون. فرنگي زور زور سان خطرناڪ آوازن ۾ شيطان کي پڪارڻ لڳا ۽ اسان پنهنجي رب کي

* هن واقعي بابت مير صوبدار خان ”جو منشي آوتراءِ پنهنجي ميمائرس ۾ لکي ٿو ته:- بلوچ قليليءَ جي ڳري ۾ هئا. رسالدار جان جيڪب کي سر نيپئر وڌڻ جو حڪم ڏنو ۽ هن هڪ هزار گهوڙيسوارن سان بلوچن ڏانهن ڪاهيو پر ودي سوچي سمجهي پوئتي هٽيو ۽ بلوچي لشڪر منجهان ڪنهن چيو ته ”پڳا ڙي پڳا“ اتي بلوچ اکري مٿي آيا ۽ انگريزي فوج هر طرف کان مٿن حملو شروع ڪري ڏنو.

سڏيو. پڇندڙ گهوڙيسوارن کي اسان هڪلون ڪيون پر هو بي تحاشا ڦليليءَ جي ڏکڻين ڪناري ڏانهن گهوڙا ڊوڙائيندا ويا. اسان ڪجهه دير خاموش بيٺي کين ڏسڻ لڳاسون ته هو لنگهندا ويا. پوءِ اسان تلوارن سان مٿن حملو ڪيو ۽ ڪيترن کي ڦاهي رکيوسون ته هو هنن اسان کي منهن نه ڏنو” *

هن واقعي کان پوءِ غير تربيت يافته ۽ بنا رهنمائي جي غير مسلح انبوهه ۾ يڪدم هل پئجي وئي ته ”انگريز ڀڳا“ ۽ سمورا بلوچ بلڪل بي خياليءَ سان انهن گهوڙيسوارن جو پيڇو ڪندا واهه ڏکڻين ڪناري تي چڙهي ٻاهر آيا ۽ انگريز ڪمانڊر جي دوکي بازي ”يا فوجي چال“ ڪامياب ٿي وئي. بلوچن تي پٺيان الرئين ڪناري واري فوج، جا هن وقت تائين حيران ۽ پريشان فقط پنهنجي بچاءَ ۾ مشغول هئي ۽ جنهن کي جنرل نيپئر ڪيترين ڪوشش جي باوجود جوابي حملي لاءِ آماده نه ڪري سگهيو هو، پنهنجو حملو شروع ڪري ڏنو ۽ سامهون اڳيان لڪري ويل گهوڙيسوار دستن پڻ موٽي جوابي حملو شروع ڪيو. بلوچي لشڪر جا مکيه رهنما جانمحمد خان خاناڻي ۞ ۽ غلام شاهه خان شاهواڻي اڳ ۾ ئي ڪيترن

* مصنف جو ”سنڌري وزنامه“

۞ مياڻي جي جنگ، بلوچن ۾ عام طرح، ”جانمحمد جي جنگ“ طور مشهور هئي ۽ عام مشهور هو (جنهنجي

ٻين بلوچ سردارن سان گڏ (جن جا اسماءِ گرامي تحقيق سان نہ ملي سگھيا آهن) هڪ ٻئي پٺيان شهيد ٿي چڪا هئا. انگريزي فوج جي وڏي انداز، هٿيارن ۽ فوجي چالبازي جي رهنما ۽ نيم مسلح بلوچ انبوهہ جي محض، ذاتي همت ۽ شجاعت تي عارضي غلبو حاصل ڪري ورتو.

مشهور انگريز مؤرخ مسٽر ايڇ- ٽي لئمبرڪ جنهن تائيد ڪئي آهي) تہ هن جنگ ۾ ٽالپرن مان خانائي، شاهوائي ۽ چاڪرائي شامل هئا. ٻجارائي، محمدائي ۽ مانڪائي شامل نہ ٿي سگھيا. ٻين بلوچ قبيلن ۾ نظامائين گھڻي ۾ گھڻو داد شجاعت حاصل ڪيو (سنڌ هسٽاريڪل سوسائٽي جرنل جلد ڇهون نمبر ۳ صفحہ ۲۷۸) باڊرائي (مري)، جمالي ۽ چانگ نهايت شاندار نموني ۾ وڙهيا ۽ چانگ سردار ميرو خان شهيد ٿي ويو. قرائي، جتوئي، گوپانگ، چاڪيري ۽ لشاري ٻئي ڪنهن کان بہ پٺتي ٿي نہ پيا. رند لغاري ۽ نوڙها ٻئي جنگ ۾ شامل هئا. انهن بلوچ قبيلن کانسواءِ جيڪي غير بلوچ مجاهد، وطن جي آزاديءَ جي حفاظت لاءِ مياڻيءَ جي ميدان ۾ بلوچن سان ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي انگريزن خلاف وڙهيا تن ۾ ميرن جي فوج جي ڪئپٽن پٺاڻن شاندار مقابلو ڪيو. ڪيترن خدمتگارن بہ مردانگي ۽ شجاعت جا مثال قائم ڪيا. خاص طرح هوش محمد قنبراڻي. انهن کانسواءِ ڪيترا مشهور سيد ۽ پير بہ مياڻي جي جنگ ۾ شامل هئا ۽ فتح محمد شاهہ لڪياري وارو ان جنگ ۾ شهيد ٿي ويو. سومرن ۽ کوکرن بہ اعلى

◀ جنگ جو نظارہ ▶

بگذرد از صف ما هر که مرد غوغا نیست

جنگ کانپور

قلعي جي مکيه دروازي جو نظارو

مياڻيءَ ۾ بلوچن جي هار جو ذڪر ڪندي سر وليم نيپيئر پنهنجي تصنيف "ڪانڪئيسٽ آف سنڌ" ۾ لکي ٿو ته :-

"جڏهن بلوچ شڪست بعد هٽيا تڏهن هو بارعب نموني منتشر ٿيا. پر هنن ۾ ڪا به ڀاڄ نه پيئي هئي. سندن چهرن تي خوف يا هراس جا ڪي به آثار نه هئا. هو جڏهن هٽڻ لڳا ۽ انگريزي فوجن جو مٿن پٺيان مولار حملو ٿيو، تڏهن به قاتل ڪين قتل ڪندي ٽڪجي بيٺا. انهن ۾ ڪا به ڀاڄ، گهٻراهٽ ۽ حواس باختگي پيدا ڪانه ٿي ۽ سندن رخ ۾ ڪو به ڦيرو ڪونه آيو."

اهو سڀ انهيءَ حالت ۾ ٿيو جڏهن فتح جون سڀ اميدون بلڪل ختم ٿي چڪيون هيون ۽ سر وليم نيپيئر جي لفظن ۾ "موت سندن پيرا کنيو پٺيءَ آيو!"

مٿيون مصنف وڌيڪ لکي ٿو ته :-

"انهن هندن ٽن جو تعداد ايڏو گهٽ هو ۽ هنن جي دلين ۾ ٽڪر جو جذبو ايڏو ناقابل اٽر ۽ مضبوط هو جو جنرل نيپيئر سندن پيڇو ڪندڙ دستن کي هڪدم بيهي رهڻ جو حڪم ڏئي پوئتي موٽڻ

درجي جو مقابلو ڪيو. حيدرآباد ۽ ٻين جاين جا هندو به انگريزن خلاف وطن جي حفاظت لاءِ ٻين وطني باشندن سان دوش بدوش لڙيا، پر افسوس آهي جو انهن بابت تفصيل معلوم نه ٿي سگهيا آهن.

جون هدايتون ڏنيون."

ڇو ته پٺيو ڪرڻ واري حالت ۾ انديشو هو ته متان بلوچ ڪٿي وري جوابي حملو نه ڪن، جو ان حالت ۾ انگريزي فوج کي ٻيهر پڪڙيءَ وقت ٿلهيءَ جي پناهه جي، جيڪا اڄ ملي سگهي ٿي اها نه هجي ها؛ ٻئي فوجون کليل ميدان ۾ هجن ها. جتي وڙهڻ انگريزي جنرل پنهنجي لاءِ نامناسب سمجهيو ٿي.

سر وليم ونڊيڪ لکي ٿو ته:-

"ڪڙيءَ ۾ ڪٿهن هڪ ڊرائيءَ سان ڪاٻرمي ڪانه ڪئي ۽ نه وري ان جي ڪٿهن کي ڪا اميد ئي هئي. يورپين، ديسي سپاهي يا بلوچ هر ڪو هڪ ٻئي کان وڌيڪ بي رحميءَ ۽ جاڪڙي سان وڙهيو. زندگيءَ عوض زندگي ورتي پئي وئي ۽ موت جو بدلو موت سان ادا ڪيو ٿي ويو. پنهنجي ڏرين ۾ بي انداز جوش هو ۽ بي حساب خونريزي ۽ تباهي ٿي."

سر وليم جو چوڻ آهي ته جنگ ۾ ڪل ويهه يورپين فوجي عملدار ۽ ۲۵۰ سرجنٽ ڪم آيا ته بلوچن جا هڪ هزار لاش ٿليءَ ۾ ڳڻيا ويا هئا.

ميجر وائٽ لگنن جو پاڻ جنگ ۾ شامل هو، انجو چوڻ آهي ته ٻئي ڏينهن صبح جو جڏهن لاش ڳڻيا ويا تڏهن ڏٺو ويو ته اهي ۴۰۰ هئا. هن جو خيال آهي ته ممڪن آهي ته ڪي لاش راتجو مقامي باشندن ميدان مان هٽايا هجن.

سر نيپيئر جنهن هميشه مياڻيءَ واري ڇڪريءَ کي وڏي عظيم الشان جنگ ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي ان جو چوڻ آهي ته جنگ ۾ ٥ هزار بلوچ شهيد ٿيا هئا ۽ انگريزي فوج جا فقط ٦٢ ماڻهو مئا ۽ ١٩٤ ڦٽيا !

جنرل نيپيئر جي بيان تي سندس ئي پيش ڪيل حقيقتن جي روشنيءَ ۾ ٿورو غور ڪبو ته اهي ڪمزوريون هڪدم ظاهر ٿي پونديون. هو پاڻ چوي ٿو ته بلوچي لشڪر ٢٢ هزار ۽ سندس فوج ٢٨ سو هئي. هو وائسراءِ ڏي لکي ٿو ته لڙائي شروع ٿيڻ بعد هڪدم دوبدو چڪري شروع ٿي وئي جنهن ۾ وڙهندڙن ٽي چار ڪلاڪ سخت جدوجهد ڪئي. "بهادر بلوچن ڍالن بندوقن ۽ ڀالن ڦٽيون ڪري تلوارن سان حملو ڪيو ته هڪ مهل ائين پئي معلوم ٿيو ته بلوچن جي شخصي مردانگي ۽ گهڻو تعداد اسانجي فوج تي غالب نه پئجي وڃي."

٢٢ هزار ماڻهن ٢٨ سو ماڻهن سان ٽي چار ڪلاڪ دوبدو سخت مقابلو ڪيو ۽ هڪ مهل ته جنرل نيپيئر کي خطرو پئي معلوم ٿيو ته سندس دشمن جي ذاتي بهادري ۽ وڏو انداز انگريزي فوج تي غالب نه پئجي وڃي. جنهن مهل تلوارون کڻي بلوچن ڪاهه ڪئي تنهن مهل انگريزي رجمينٽن جا پير اکري ٿي ويا، ۽ ڪيترو وقت هندڪي محض پنهنجي بچاءَ ۾ اڙڪو ٿي بيٺو ۽ ڪيترن ڪوششن جي باوجود جنرل نيپيئر انهن کان جوابي حملو

لٿي ڪرائي سگهيو! نه فقط ايترو پر انگريزي جنرل جي پاڻ سر وليم نيپئر جي راءِ موجب مياڻي واري چڪري اهڙي هئي جنهن جهڙي پلاسيءَ جي جنگ، ڪانپور ڪا به جنگ، نه لڳي هئي پر اهڙيءَ جنگ عظيم ۾ انگريزن جا مئا ڪل ٦٢ ماڻهو!

انهن حالتن تي غور ڪرڻ مان معلوم ٿيندو ته يا لـ مري ويلن جو تعداد بالڪل ڪوڙو ڏيکاريل آهي يا بلوچن لشڪر ٢٢ هزار ۽ انگريزي فوج ٢٨ سو نه هئي ۽ جنگ بـ اهڙي سخت نه هئي جهڙي جو انگريزن پوءِ دنيا کي يقين ڏيارڻ جي ڪوشش ڪئي آهي.

"فتح سنڌ" ۾ سر وليم نيپئر لکيو ته:

" اهڙي ڪا به ڳالهه موجود نه آهي جنهن مان چئي سگهجي ته ميرپور واري شيرمحمد خان يا حيدرآباد واري ميرمحمدخان کانسواءِ ٻئي ڪنهن (حڪمران) مير اسانجو ڪڏهن مقابلو ڪيو آهي ۽ اهي ذڪر ڪيل ٻه مير ته مياڻيءَ جي جنگ ۾ نه هئا. انهيءَ ڪري سمجهيو وڃي ٿو ته مياڻيءَ جي ميدان ۾ جيڪا هڪ خوبصورت تلوار رت ۾ ٻڏل لڌي وئي هئي، جنهن لاءِ چيو ويو ٿي ته اها نادرشاه واري تلوار آهي، اها به ڪنهن مير جي ڇڏيل نه هئي جو مجاهدن کي به مياڻي (جي مقابلي) ۾ ڏسڻ ۾ ڪو نه ٿي آيو. پر ڪنهن بهادر شهيديءَ جي ڇڏيل هوندي جنهن تمام ڏاڍي مردانگي ۽ بهادري

سان مياڻيءَ ۾ وڙهيا.”

انهيءَ اعليٰ تلوارن سواءِ مياڻيءَ جي ميدان مان هڪ نهايت قيمتي زره پڻ انگريزن کي هٿ آئي هئي جنهن کي سر چارلس پنهنجي شخصي ملڪيت بڻائي ڇڏيو. انهيءَ زره بابت ساڳئي مصنف لکيو آهي ته:-

“نوجوان مير حسين علي جنهن کي سندس والده قيمتي زره پارائي مياڻيءَ ڏانهن وڃڻ لاءِ مجبور ڪيو هو سو مياڻيءَ اچڻ لاءِ ڪشت و خون جي گرما گرمي ڏسي شروع ۾ ئي زره اڇلائي، رواجي ڪپڙن ۾ واپس حيدرآباد موٽي ويو هو.” اهڙي اها زره نيپئر کي هٿ آئي هئي.

جنرل نيپئر جي وائسراءِ هند ڏانهن موڪليل رپورٽ ۾ ٻڌايل آهي ته بلوچي لشڪر جي شڪست بعد سندس ڇانوڻيءَ تي قبضو ڪيو ويو. توبخانو، بارود مال اسباب ۽ ڪجهه خزانو هٿ آيو. ٻئي ڏينهن خيرپور وارا رستم خان، نصير خان، ولي محمد خان ۽ حيدرآباد جا نصير خان، شهداد خان ۽ حسين علي خان نيپئر جي ڪئمپ ۾ آيا ۽ پنهنجون تلوارون پيش ڪيائون جي جنرل کين موٽائي ڏنيون.

انهيءَ رات صوبدار خان پنهنجي منشي آوتراءِ کي ميرن جا شاهي ٿالهه ڏئي جنرل کي اهي تحفا پيش ڪرڻ لاءِ مياڻيءَ ڏانهن موڪليو پرمنهي پنهنجي ماڻهن سميت ٽپ کان واپس موٽي آيو. حيدرآباد ۾ ڀاڄڙ هئي ۽ عام ماڻهو ٻار ٻچن ۽ قيمتي اسباب سميت شهر کي ڇڏي رهيا هئا * (ان

* قليچ بيگ جي “هسٽري آف سنڌ”

وقت ۾ ميرن لاءِ پاڻ حيدرآباد ڇڏي نه عيال يا خزانه کڻي ڀڳائون، حالانڪ مٿن جنگ جو ٽڪ جو الزام هنيو ويو آهي.)

مياڻي جي ميدان تان سپاهي بلوچ ان رات حيدرآباد موٽيا، انگريزن جو چوڻ آهي ته سندن تعداد ١٠ هزار هو، پوري به انگريزن سان وڙهڻ لاءِ آمادگي ظاهر ڪيائون پر حڪمران جو مايوس ڪندڙ رخ ڏسي پنهنجي ڏيهن منتشر ٿي ويا پر مهڻو پوءِ شير محمد خان سان شامل ٿي دٻي ۾ ٻيهر انگريزن خلاف وڙهيا.*

ٻن ٽن ڏينهن کانپوءِ انگريزن قلعي جي تلاشي ورتي خزانن جي قراءت ڪئي جنهن ۾ پرده نشين بيگمات کان به زيور لهرائي ڦريا ويا. اندازو ڪيو ويو آهي ته ڪروڙ سوا جي ملڪيت انگريزن کي ان طرح هٿ آئي.

---

* دٻي جي جنگ جو احوال ايندڙ اشاعت ۾ پيش ڪيو ويندو.

دشمن جا خدشا

ریگ عراق منتظر کشت حجاز تشنه کام
خون حسین بازده کوفه و شام خویش را

ڪئپٽن پوسٽنس اسسٽنٽ پوليٽيڪل ايجنٽ سنڌ ۽ بلوچستان پنهنجي تصنيف ”پرسنل آبزرويشنس ان سنڌ“ ۾ مياڻي جي واقعي تي تبصره ڪرڻ بعد پنهنجي قوم کي صلاح ڏني آهي ته ميرن کي هاڻي ڪافي سبق ملي چڪو آهي، بهتر ائين ٿيندو ته هاڻي ڪين اسان پنهنجي سهاري هيٺ وري سنڌ جو حاڪم بڻايون. جو ان طرح اصلي طاقت به اسان جي هٿ ۾ رهندي ۽ بلوچن کي به ڏنڊوڪي سگهبو. ان صورت ۾ سنڌ کي غلام رکڻ تي اسانجو وڏو خرچ اچي ويندو جو هتي ضابطي رکڻ لاءِ فوج جي وڏي انداز کي سنڌ ۾ سيڙائڻو پوندو.

آينده چا ٿيندو ان تي بحث ڪندي هو لکي ٿو ته :-

”سنڌ اڳ فقط افغانستان تي ڪاه لاءِ اڏو يا بنياد هئي پر هاڻي فتح ڪيل علائقو آهي. سنڌ جو اڳوڻو نظام حڪومت جهڙو ٺيڪ سٺو نه هو ان هوندي به هتي مشرق جي ٻين حاڪمن جهڙو آزار ڪونه هو.“

جنهن ڪري ڪمشنر انگريزن کي انديشو هو ته هندستان جي ڪن ٻين غلام ڪيل علائقن ۾ مقامي حڪمران ڪان

رعيت جي هزارين هيٺ ڪري، ماڻهن انگريزن ڏانهن جيڪو ڇڱو رخ اختيار ڪيو، سا ڳالهه شايد هتي نه ٿئي. ڏسجي ٿو ته پوسٽنس، پنهنجي قوم جي پروپيگنڊا جي طاقت کان پورو واقف نه هو جنهن جي اثرائتي استعمال سان ٿوري ئي عرصه اندر، انگريزن ڪاميابي سان، بلوچي دور حڪومت کي نهايت ظالمانه ۽ بي انصافي وارو دور ظاهر ڪري ڏيکاريو!

اڳتي هلي مسٽر پوسٽنس وري نه پنهنجي قوم جي طاقت ۽ حرفت جي اثر جو گهٽ اندازو لڳائيندي لکيو آهي. ته:-

„بلوچ خطرناڪ جنگجو قوم آهي جنجو قبائلي زندگيءَ ۾ گهرو اعتماد آهي. سا ڇڏيو مذهب اُن ۽ هڪ ٻئي ۾ شاديون ڪن ٿا ۽ ٻين ڪيترين ڳالهين ۽ سڀني هو پاڻ ۾ مليل آهن. انهن ماڻهن ئي (حاڪم) ميرن کي وڙهڻ لئي مجبور ڪيو هو. سوال آهي ته هاڻي اهي ماڻهو خاموش ٿي ويهندا؟ ڇا هو هاڻي به پنهنجي شڪست خورده اڳواڻن جي مقصدن لاءِ پاڻ کي بدل نه سمجهندا؟ هيءَ ڳالهه به ياد رکڻ گهرجي ته جيتوڻيڪ اهي اڳوان پاڻ قيدن ۾ آهن، ان هوندي به سندن پٽ، پوٽا، ڪنترا ۽ ٻيا عزيز ۽ بي اندازو پوئلڳ اڃا آزاد آهن. جن ۾ سخت جوش آهي ۽ هو ڪڏهن به نمولي

انتقام يا بدلي وٺڻ لاءِ اهڙا منتظر آهن . اهو پڻ
ياد رکڻ گهرجي ته بلوچن ۾ اهڙو ڪو به عنصر يا
جزو ڪونهي جنهنجي عام طرح هندستان جي
ٻين قبيلن قومن ۾ موجود ڪي اسلامي راه مان
ٽڪراءُ دور ڪرڻ جو باعث ٿي . بلوچن کي
سندن مقصدن کان ٽوڙڻ ۽ ڪين ٽڪرو ڪري
ڪمزور بڻائڻ لاءِ ڪو به خاص سبب منجهن
موجود نه آهي . مذهب ۽ ذات جو منجهن تفاوت
ڪونهي . سندن ملڪ ۾ هندن ، مسلمانن ۽
عيسائين يا مختلف قومن جو گڏيل آدم ڪونهي .
بلوچي سردار ، اڳوان ، فوج رکندڙ ۽ شخصي طرح
عام بلوچ سڀ پاڻ ۾ متحد ۽ متفق آهن . سيڪنهن
جي دل ۾ قدرتي جنگي جذبو ۽ قبيلي جي عزت
جي احساس جي آڳ موجود آهي . بلوچن جا
پوياڻ اسل ۽ سندن پوئلڳ ، جي جنگين ۾ هار کائڻ
بعد روپوش آهن ، بلوچي سردار جن قوم کي
اسلامي خلاف تلوارن کڻڻ لاءِ تيار ڪيو هو ۽ اهي
بلوچ نوجوان جي پنهنجي والدن ۽ بزرگن جي
شهادت ۾ سوڳوار آهن ، سي سڀ پنهنجي قائدن ۽
غلام ۾ ٻڌائيندڙن کان انتقام يا بدلي وٺڻ لاءِ متحد
ٿي ويندا ؟ ۽ هندستانين هڪڙو به تلوار کڻڻ جي
لائق بلوچ موجود آهي . هندستانين هو پنهنجي قوم

جي عزت لاءِ تلوار هٿ ۾ کڻڻ کان انڪار ڪندو؟

"سنڌ جا پهاڙ ۽ ريگستان حملي آور بلوچن جي سرگرمين جا پناهه گاهه ۽ پڪ بڻجي ويندا، درياءَ سنڌ، هينئر کان به وڌيڪ غير سلامت بڻجي ويندو ۽ بلوچ ڊگهي عرصي لاءِ نهايت تڪليف ده ۽ خطرناڪ گوريلا جنگ جاري رکي سگهندا."

انهن خطرن جي مد نظر ڪئپٽن پوسٽنس پنهنجي قوم کي صلاح ڏني آهي ته سنڌ جي مسئلي جو بهترين حل اهو آهي ته ميرن کي سبق سيکارڻ بعدکين واپس اسانجي زيرسايه سنڌ جي انتظام جو ذمو ڏنو وڃي جو ٻي حالت ۾ هن علائقي تي قبضو رکڻ لاءِ فوج جو نهايت وڏو تعداد هٿي رکڻو پوندو ۽ خواه مخواه اسان کي پاڻ تي خرچ جو نهايت وڏو بار برداشت ڪرڻو پوندو.

پر ڪئپٽن پوسٽنس جا اهي سمورا خدشا غلط ثابت ٿيا. بلوچن کي سنڌ ۾ مقصد کان ٽوڙڻ ۽ کين ٽڪرو ڪرڻ لاءِ زبردست پروپيگنڊا وسيلي مذهبي بلوچ - غير بلوچ، اصلي بلوچ - نقلي بلوچ ۽ اوچ ۽ نيچ بلوچ جا بحث پيدا ڪري، سنڌ ۾ يڪ وجودي ۽ کي ٽوڙي کين اندروني ڪشمڪش ۾ مبتلا ڪيو ويو. اتحاد ۽ اتفاق جو اهو سلسلو جنهن بلوچي سردار، اڳوان، فوج رکندڙ ۽ عام بلوچ کي هڪ پڪي قومي اخوت جي زنجير ۾ ٻڌجا رکيو هو اهو

ختم ٿي ويو. هن ملڪ ۾ هندستان جي ٻين صوبن جي باشندن کي آڻي هتي آباد ڪرڻ جا وسيع پروگرام عمل ۾ آندا ويا جيئن ڪا زن غلام ٿيلن ۾ وري متحد ٿيڻ جا امڪان بلڪل نه رهن. انهن بلوچي سردارن کي، جن هڪ دفع قوم کي قومي ناموس جي حفاظت واسطي تلوارن کڻڻ لاءِ چيو هو جاگيرون ۽ پينشنون ڏئي ڳنڍو ڪيو ويو.

اهي بلوچ نوجوان جي پنهنجي والدن ۽ بزرگن جي شهادت ۾ سوگوار ۽ پنهنجي قاتلن کان انتقام وٺڻ لاءِ بيقرار هئا انهن جي ذهن تي اهو اثر ويهاريو ويو ته سندن اجداد جو انگريزن سان مقابلو ڪا به قابل فخر ڳالهه نه هئي ۽ سندن ضدي طبيعت ۽ اجايو همت ئي سندن مصيبتن جو باعث ٿيو!

ڪئپٽن پوسٽنس جو بلوچ بابت اندازو غلط ڪونه هو پر بلوچ قوم جي مخالفن ۽ انهي قومي وجود مٽائڻ جي خواهشمندن، جي لياقتن، قابليتن ۽ طاقت جو هن غلط اندازو لڳايو هو. جنهن ڪري چند سالن اندر نه رڳو انگريز بي کٽڪي حڪومت ڪرڻ لڳو، نه فقط بلوچي بولين نسل پنهنجي اجداد کان ورثي ۾ مليل فرض کي وساري ويٺو، پر آهستي آهستي بلوچي قوميت جي احساس جو جزو ئي منجهانئس ختم ٿيڻ لڳو. جنهن جوهر ئي صديون کان مشرق ۽ مغرب ۾ هن لاءِ عزت ۽ احترام پيدا ڪيو هو؟ جنهن جي ڪري ئي بغداد کان دهلي ۽ ڪابل کان ڪراچي

لائين سندس شجاعت، مردانگي، انصاف ۽ رواداري جا گيت ڳايا ٿي ويا.

وہ کل کے غم و عیش پہ کچھ حق نہیں رکھتا
جو آج خود افروز و جگر سوز نہیں ہے
وہ قوم نہیں لائق ہنگامۂ فردا
جس قوم کے تقدیر میں امروز نہیں ہے



ضميمه

ڪتاب مڪمل ٿي ڇپائي لاءِ وڃي چڪو هو ۽ ڇپائي
جو ڪم ٻه ڀاڱا تڪميل کي پهچي چڪو هو، جنهن بعد
ڪتاب جي موضوع متعلق ڪي اهم دستاويز هٿ آيا.
جن کي غور سان پڙهڻ ڪري ڪن اهم حقيقتن جو انڪشاف
ٿيو، جي ضميمه طور هيٺ ڏجن ٿيون:-

”اڪائونٽ آف دي بيٽل آف دي مياڻي“ ۾ ميجر
وڊ لگٽن جو پاڻ جنگ مياڻي ۾ شامل هو سو لکي ٿو ته:-

”١٦ فيبروري ١٨٤٣ع جي شام جو هالن کان
٢١ ميل پنڌ ڪري، ميجر جنرل سر چارلس نيپئر
جي اڳواڻي هيٺ **ٽي هزار انگريزي فوج**
اچي مٽارين ۾ منزل ڪئي جا حيدرآباد کان ١٧ ميلن
تي آهي.“

وڊ لگٽن لکي ٿو ته مياڻي وٽ پهچڻ کانپوءِ جڏهن
حملو ڪرڻ جا حڪم مليا تڏهن ٻاويهين نمبر پياده
رجمينٽ حملو شروع ڪيو جا انگريزي فوج ۾ اڪيلي
گوري رجمينٽ هئي. جنهن کانپوءِ ٻيو پهرين ۽ ٻارهون
نمبر ٻه ميدان ڪارزار ۾ ٽپي پيون. هو لکي ٿو ته:-

”بلوچ تلوارون ۽ ڍالون هٿن ۾ کڻي مٿي آيا ۽
ڪٽرين ٿي زور دار هلائون ڪيائون جن ۾
انگريزي فوج جون سڀئي قطارون متزلزل ٿي

پٺيءَ ويون ۽ انگريزي فوج کي پوئتي هٽي وڃڻو پيو. پر ٻئي دفعا ١٢ نمبر ريجمينٽ کي شڪست خورده ٿي پوئتي هٽڻو پيو. پر ٻنهي ئي دفعا سندس اعليٰ عملدارن وري پنهنجي ماڻهن کي هڪٺا ڪيو. ”

ميجر ول نگٽن پڻ ٻڌايو آهي ته ١٢ نمبر ريجمينٽ جو ميجر جيڪسن ڪيٽن مارجي ويو، هو لکي ٿو ته:-

”پهرئين نمبر گرينيڊيئر ريجمينٽ جنهن کي پڻ ١٢ نمبر ريجمينٽ سان گڏ پٺتي هٽڻو پيو هو، تنهن ۾ مونجهارو ۽ پريشاني پيدا ٿي وئي ۽ ٿي سگهي ٿو ته اهي ۽ ريجمينٽ پوءِ جنگ ۾ ڪو ٿورو واهرو ورتو. پنجويهون نمبر ريجمينٽ پنهنجي خولدار دشمن جي مقابلي ۾ خطرناڪ طرح پوئتي هٽي وئي. جنهن کي مقابلي لاءِ پيڙ ڪائيندي سندس سپهه سالار ميجر ٽيسڊل دشمن هٿان مارجي ويو. ٻاويهين نمبر ريجمينٽ جو سپه سالار ليفٽيننٽ ڪرنل پينيفادر پڻ دشمن جي بندوق جو شڪار ٿي ويو جنهن جي جاءِ ميجر پول ورتي پر هو به بلوچن جي خطرناڪ حملن جي سامهون پنهنجي فوج جا پير مضبوط ڪري نه سگهيو. ”

انگريزي فوج جي انداز بابت سر چارلس نيپئر جي ڀاءُ وليم نيپئر اول دعويٰ ڪئي ته ان جو تعداد ١٧ سؤ هو پر جڏهن خود مياڻي جي ميدان ۾ موجود ڪئپٽن

انگريز عملدارن ، انگن اکرن سان هر هڪ فوجي دستي جو ڏار ويچور پيش ڪري انهن دعوائن جي ترديد ڪئي ۽ انگريزي فوج جو وڏيڪ انداز ظاهر ڪيو، لڏهن ١٧ سؤ ۾ ترميم ڪري انکي هڪدم ٢١ سو ظاهر ڪيو ويو. هاڻي درستي ڪتابن وغيره ۾ ٢٨ سؤ ٿي ڦڙهايو وڃيٿو هو جنگ ميداني ۾ نمايان ڪارنامه ڪرڻ ۽ همت ڏيکارڻ لاءِ جن انگريزي فوج جي ماڻهن انعام حاصل ڪيا انهن جو تعداد **پنجن هزارن جي قريب آهي.**

انعام حاصل ڪندڙن جي فهرست ۾ پڻ انگريزي جهازن جا خلاصي پڻ آهن ۽ انهن جو انداز ڪٿي ڇڏجي. جنگ جي ميدان ۾ عملي سرگرمين سان نمايان ڪارنامه ڪندڙن جو انداز ٤٧٣١ ڏيکاريل آهي جن ۾ ١٧٠ ماڻهو اهي هئا جن اصل لڙائي ۾ شايد حصو نه ورتو هجي، جهڙوڪ ڊاڪٽري عملو، ڀشتي ڀنگي وغيره باقي ٤٥٦١ يا ساڍن چئن هزارن کان مٿي فوجي ماڻهو اهڙا هئا جن سرگرم حصو وٺڻ لاءِ انعام حاصل ڪيا جن جو هيٺيون تفصيل جي - جي - او نمبر ٤٣٥ ۾ ڏنل آهي جو ٢٣ آگسٽ ١٨٤٩ واري بمبئي گورنمينٽ گزيٽ ۾ شايع ٿيل آهي :-

انعام حاصل ڪندڙ

يورپين ڪميشنڊ عملدار	١٠٤
يورپين نان ڪميشنڊ عملدار ۽ پيادا	٦٩٥
ديسي عملدار ۽ سپاهي	٣٧٦٢
ڊاڪٽري ڪاليج ۽ ڪمي وغيره	١٧٠
ٽوٽل	٤٧٣١

جدا جدا رجمينٽ وار، اهي هن ريت ڏيکاريل آهن،
جنرل اسٽاف ۱۳، ٻاويهون نمبر رجمينٽ ۶۴۹، ٽيون
نمبر گهوڙي سوار ۴۹۲، بمبئي واري فوج جي ٻارهين ۽
پي ٽنائين ۲۲۵، گولہ انداز يا توپخانی جا ۱۵۱،
ٻهر ٻون نمبر گرنيڊيئر ۶۶۸، بمبئي فوج جي ٻارهون نمبر
۷۳۹، اڪويهون نمبر ۵، پنجويهون نمبر ۸۰۳، سئپرس
مائنرس ۶۲، سنڌ هارس ۵۶۲، پونا هارس ۲۵۳،
وارنٽ آفيسر ۴ ۽ يورپين ٽيل درخواستن تي انعام حاصل
ڪندڙ ۱۰۵، ڪل ٽوٽل ۴۷۳۱.

جڏهن انعام حاصل ڪندڙن جو تعداد ۴۵۶۱ آهي
تڏهن اندازو ڪري سگهجي ٿو ته اصل فوج جو تعداد گهٽ
۾ گهٽ به ساڍن پنجن هزارن ۽ ڇهن هزارن جي وچ ۾ ضرور هوندو
۽ اهو ڪنهن به حالت ۾ ساڍن پنجن هزارن کان گهٽ نه هو.

Printed by Mr. Din Mohammed Mistri Chhatan
Lakho at the Alwahid Printing Press,
Bellasis Street, Karachi.
AND
Published by Kadirbux Nizamani for "Baloch
Adabi Society", Bellasis Street, Karachi.

آئينده پروگرام

بلوچ ادبي سوسائٽي جي اڳيان بلوچي تاريخي ۽ ادبي اشاعتن جو وسيع پروگرام آهي جنهن جو پهريون ڪتاب اوهانجي هٿن ۾ آهي. سوسائٽيءَ جا باقاعده ميمبر ٿي اسان جي مقصدن جي تائيد ڪريو ۽ گهر ويٺي اڳيون اشاعتون حاصل ڪريو.

هيٺيان ڪتاب پريس ۾ آهن جي جلد شايع ڪيا ويندا.

”سنڌ ۾ بلوچي اقتدار“

هن مان اوهان کي معلوم ٿيندو ته بلوچ ڪيئن، ڪڏهن ۽ ڇو سنڌ ۾ آيا ڪلهوڙن سان ڇو کين وڙهڻو پيو ۽ ڪيئن انهن جو خاتمو ٿيو. سنڌ ۾ بلوچن ڪهڙو حڪومتي ۽ مجلسي نظام قائم ڪيو ۽ هندن ۽ مسلمانن جي مختلف مقامي قومن جي ڪهڙي پوزيشن هئي. اٽڪل ۱۷۵ صفحن جي ۲-۰-۰ رپيه قيمت ٿيندي.

”آخري جنگيون“

هن ۾ مياڻي کانپوءِ انگريزن سان ٿيل سمورين جنگين ۽ ڪيترا سال پوءِ تائين هلندڙ، بلوچن جي گوريلا لڙائي جي چڪرن جو احوال تفصيل سان پيش ڪيو ويندو. اٽڪل ۱۲۵ صفحن جي ڪتاب جي قيمت ۱-۸-۰ ٿيندي.

ميمبري لاءِ

هڪ رپيو داخلا في ۽ ۴ رپيه [illegible] ورتي ويندي. وقت بوقت شايع ٿيندڙ ڪتاب ميمبر کي ۲۵ سيڪڙو

رعايت لاءِ پندرهن روپين - اي. بي. آزمود سنڌس الهولس لاءِ گهر ويٺي مهيا ڪيا ويندو.

ميمبري ختم ڪرڻ لاءِ ۴ ڏينهن واپس ميمبرن کي موٽايا ويندا.

ڪتابن جي وڪري لاءِ ايجنٽن کي ۲۵ سيڪڙو ڪميشن ڏني ويندي. وڌيڪ احوال معلوم ڪرڻ لاءِ لکپڙهه ڪريو:-

مئنيجر، بلوچ ادبي سوسائٽي
پوسٽ باڪس نمبر ۱۳۳، ڪراچي.

هفتيوار "البلوچ"

بلوچ قوم کي بيدار ڪري ان کي موجوده دور جي سياسي ۽ اقتصادي زندگيءَ ۾ اثرائتي حصي وٺڻ جي لائق بنائڻ، قومي روايات کي زنده ڪرڻ ۽ قوم جي مخصوص مفاد ۽ حقن جي [illegible] الهن جي حصول لاءِ جد وجهد ڪرڻ "البلوچ" جو [illegible] مقصد ليندو.

بلوچي تاريخ ۽ موجوده دور جي سياسي ۽ اقتصادي مسئلن بابت ان ۾ اهم مضمون شايع ٿيندا رهندا.

چندي جا اگهه:-	لکپڙهه ڪريو
ساليانو ۴-۰-۰	مئنيجر "البلوچ"
ششماهي ۲-۰-۰	پوسٽ باڪس نمبر ۱۳۳
هفتيوار پرچو ۰-۱-۰	ڪراچي